روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 28 جنوري 2023 ع بمطابق 05 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 246

پاڪستان ڪلمي جي نالي تي ٺهيو، ان جي ترقي ۽ خوشحالي الله جي ذمي آهي: اسحاق ڊار

پاڪستان کي الله قائم ڪيو آهي ۽ اهو اڪيلو ملڪ آهي، جيڪو ڪلمي جي نالي تي ٺهيو ان جي ترقي ۽ خوشحالي الله جي ذمي آهي

جيڪو ڊرامو 5 سال اڳ شروع ٿيو، پاڪستان اڄ ان جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي، نواز شريف جي دور ۾ معيشت مضبوط ٿي رهي هئي

اسان جي اسٽاڪ مارڪيٽ ڏکڻ ايشيا ۾ بهترين هئي ۽ دنيا ۾ پنجين نمبر تي هئي، وزيراعظم شهباز شريف کي وڏا چئلينجن مليا آهن

شهباز شريف جي ليڊرشپ ۾ سڄي ٽيم رات ڏينهن محنت ڪري رهي آهي، نيت ۽ محنت جي ضرورت آهي، پاڪستان ترقي ڪندو

ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ته حالتون بهتر ڪيون، ڪوشش ڪنداسين ته چونڊن کان اڳ بهتري آڻيون، توهان وٽ تاريخ موجود آهي ته معيشت جي بهتري لاءِ ڪنهن ڪم ڪيو

الله همت ڏيندو، منهنجو ايمان آهي ته پاڪستان ترقي ڪندو، الله پاڪستان کي قائم ڪيو ۽ هي اڪيلو ملڪ آهي، جيڪو ڪلمي جي نالي تي ٺهيو

اسلام آباد (م ر) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان کي الله قائم ڪيو آهي ۽ اهو اڪيلو ملڪ آهي، جيڪو ڪلمي جي نالي تي ٺهيو ان جي ترقي ۽ خوشحالي الله جي ذمي آهي. اسلام آباد ۾ تقريب سان خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته جيڪو ڊرامو 5 سال اڳ شروع ٿيو پاڪستان اڄ ان جا نتيجا ڀوڳي رهيو آهي، نواز شريف جي دور ۾ معيشت مضبوط ٿي رهي هئي، اسان جي اسٽاڪ مارڪيٽ ڏکڻ ايشيا ۾ بهترين هئي ۽ دنيا ۾ پنجين نمبر تي هئي. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف کي وڏا چئلينجن مليا آهن. شهباز شريف جي ليڊرشپ ۾ سڄي ٽيم رات ڏينهن محنت ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

مشڪلاتن جو ڄمي مقابلو ڪندڙ قومون ئي ترقي ڪن ٿيون، ملڪ کي ڏيڻ مان ڪڍنداسين: وزيراعظم

اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان معاهدو هلندڙ مهيني ٿي ويندو، گذريل حڪومت پاران ادارن تي بي بنياد الزام بازي ۽ چيني ڪمپنين تي ڪرپشن جي الزامن سان چيني عملدارن کي تڪليف پهتي

انهن لاڳاپن کي معمول تي آڻڻ لاءِ برف وڳري رهي آهي، ايم ايل ون منصوبي کي مڪمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي، ڏينهن رات محنت ڪري دنيا ۾ پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪنداسين

دنيا ۾ حڪومتون گورننس جي ذميوار آهن اهي ادارا ناهن هلائينديون، ريلوي وارو وزير آئوٽ سورسنگ تي يقين رکي ٿو ۽ موجوده دور ۾ ترقي جي سيڙهي اهائي آهي

حڪومتن جو ڪم ادارا هلائڻ نه آهي پر گورننس هوندو آهي، حڪومتون اينديون وينديون رهنديون آهن پاڪستان اڄ ان ۾ واٽي تي بيٺو آهي، جتي هڪ هڪ پئسو بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي صورتحال ڏسي اسان ترجيحون مقرر ڪيون آهن، جنهن ۾ خوراڪ ۽ دوائن جي درآمد کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي، پوري اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان هن مهيني معاهدو ٿي ويندو ۽ انهن مشڪلاتن مان نڪري وينداسين

هي مشڪل وقت آهي، پاڪستان دنيا ۾ ماحولياتي آلودگي ۾ رڳو هڪ سيڪڙو حصو هجڻ جي باوجود ان جو شڪار ٿيو ۽ بدترين ٻوڏ آئي، اتحادي حڪومت ڏينهن رات ملڪ کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته مشڪلاتن جو ڄمي مقابلو ڪندڙ قومون ئي ترقي ڪن ٿيون، ملڪ کي موجوده ڏيڻ مان ڪڍنداسين، اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان معاهدو هلندڙ مهيني ٿي ويندو. گذريل حڪومت پاران ادارن تي بي بنياد الزام بازي ۽ چيني ڪمپنين تي ڪرپشن جي الزامن سان چيني عملدارن کي تڪليف پهتي، انهن لاڳاپن کي معمول تي آڻڻ لاءِ برف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

THE INAUGURAL CERE
REEN LINE EX
MALIK
اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

عمران خان کان اسلام آباد پوليس جي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان اسلام آباد پوليس جي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي

سيڪيورٽي اهلڪار بني گالا ۾ عمران خان جي رهائشگاهه تي شفٽن ۾ ڊيوٽي ڪندا هئا

اسلام آباد (م ر) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان اسلام آباد پوليس جي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي. ذريعن موجب عمران خان جي سيڪيورٽي تي اسلام آباد پوليس جو هڪ ڊي ايس پي ۽ 170 اهلڪار مقرر هئا. ذريعن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي: سنڌ جي وڏي وزير سان نجم سيٺي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پاڪستان سپر ليگ (PSL) ايونٽ ڪرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

پي ايس ايل جون ميچون 14 کان 26 فيبروري تائين ٿينديون: سنڌ جو وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين نجم سيٺي وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان پي سي بي چيئرمين نجم سيٺي ملاقات ڪندي

پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري اڊيالا جيل منتقل

طبي معائني ڪانپوءِ کيس بيرڪ الاٽ ڪئي ويندي، جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته فواد چوڌري کي بي ڪلاس ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو فيصلو ناهي ڪيو ويو

اليڪشن ڪميشن خلاف نفرت پکيڙڻ واري ڪيس ۾ فواد چوڌري کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

پوليس فواد چوڌري جي 7 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪئي، فوٽوگرافي جي جاچ نه ٿي سگهي، وقت جي ڪوٽ جي ڪري ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري کي اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو. جيل ذريعن موجب فواد چوڌري جو اڊيالا جيل ۾ علاج ٿيندو ۽ طبي معائني ڪانپوءِ کيس بيرڪ الاٽ ڪئي ويندي. جيل ذريعن جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران کي گرفتار ڪرڻ جو ڪو ارادو ناهي: راڻا ثناءُالله

عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو ڪو ارادو ناهي پر عمران خان جي بيانن مان لڳي ٿو ته کيس هڪ ڀيرو گرفتار ڪيو وڃي ته جيئن ڏسون ته هو ڪهڙو طوفان برپا ڪرڻ چاهي ٿو

فواد چوڌري خلاف داخل ايف آءِ آر بلڪل درست آهي، جيڪي ماڻهو فواد چوڌري جي گرفتاري کي حڪومتي انتقام سمجهن ٿا اهي هڪ ڀيرو جي ايف آءِ آر ڏسن ته خبر پئجي ويندي ته ڪيس ڇا آهي

هو سڀاڻي پاڪستان واپس وڃي رهيو آهي، اڄ نواز شريف سان ملاقات ٿي آهي، مريم نواز شريف کان هدايتون وٺي پهرين فيبروري کان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جو دورو ڪندي

لنڊن (م ر) گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته عمران خان کي گرفتار ڪرڻ جو ڪو ارادو ناهي پر عمران خان جي بيانن مان لڳي ٿو ته کيس هڪ ڀيرو گرفتار ڪيو وڃي ته جيئن ڏسون ته هو ڪهڙو طوفان برپا ڪرڻ چاهي ٿو. لنڊن ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

گذريل هفتي ۾ 25 ضروري شين جي قيمتن ۾ اضافو

اسلام آباد (م ر) شماريات جي بيورو هفتيوار مهانگائي جي ڊيٽا جاري ڪري ڇڏي. شماريات کاتي موجب هڪ هفتي دوران 25 ضروري شين جي اگهن ۾ واڌ، 6 شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 20 شين جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو. انگن اکرن موجب پياز جي قيمت ۾ 13 رپيا في ڪلو ۽ گهريلو ايل پي جي سلينڊر جي قيمت ۾ 136 رپيا في ڪلو واڌ ٿي وئي آهي. شماريات واري اداري جو چوڻ آهي ته چانورن جي اگهه ۾ 5 رپيا في ڪلو کان وڌيڪ اضافو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

AUSAF DIGITAL
لنڊن: گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪندي

اسڪول ۾ ڏيڍ سال کان هزارين ٻتيون ٻرندڙ، بند ڪرڻ جون سڀ ڪوششون ناڪام

انهن کي بند ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي، ڏينهن هجي يا رات، اهي لائيٽون مسلسل روشن رهن ٿيون ۽ ان جو سبب ڪمپيوٽر سرور جي هڪ خامي آهي

نتيجي ۾ اسڪول انتظاميا لائيٽ سسٽم کي بند ڪرڻ جي قابل ناهي رهي پر فيبروري 2023 ۾ هزارين ڊالر خرچ ڪرڻ ڪانپوءِ امڪاني طور اهو مسئلو حل ٿي ويندو

هر مهيني ان مسئلي سبب هزارين ڊالر خرچ ٿي رهيا آهن، اسان مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر ڀيري ناڪام ٿيا سين: اسڪول جون اختياريون

ڪراچي (م ر) اٽڪل ڏيڍ سال کان آمريڪا جي هڪ هاءِ اسڪول جي عمارت ۾ لڳل 7 هزار لائيٽن کي ڪير بند ناهي ڪري سگهيو. ميساچوسٽس جي Minnechaug ريجنل هاءِ اسڪول ۾ لڳل 7 هزار لائيٽون آگسٽ 2021 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ کي ساڙڻ اسلام دشمن عنصرن جي ڪڌي حرڪت آهي: محمد مهدي

هڪ ڀيرو ٻيهر شيطاني ڪارندا، نام نهاد آزادي جا حامي حڪومتن جي پٺڀرائي تي اسلام جي مقدس ڪتاب جي بي حرمتي تي لهي آيا آهن

هن ڀيري اسان سوئيڊن ۾ ترڪي جي سفارتخاني اڳيان قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي ذريعي لکين مسلمانن جي دلين کي ساڙڻ جو منظر ڏٺو

سوئيڊن اسلام ۽ مسلمانن خلاف شيطاني راند جو مرڪز بڻجي چڪو آهي، قرآن ڪريم مسلمانن جي نگاهه ۾ نهايت اهميت ۽ احترام جو حامل آهي

تهران/ ڪراچي (م ر) ايران جي بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذاڪراتي ڪائونسل جي سربراهه حجت الاسلام محمد مهدي ايمان پور چيو آهي ته سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ کي ساڙڻ اسلام دشمن عنصرن جي ڪڌي حرڪت آهي. هڪ ڀيرو ٻيهر شيطاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سحر شاهه جويا جي قتل جي جاچ لاءِ چيف جسٽس کي خط

حيدرآباد (رپورٽر) تاليپوري براڊڪاسٽر ماڪن شاهه رضوي جي ڀائٽي سحر شاهه نوجوان ڀاءُ جي قتل جي جاچ ڪرائڻ لاءِ چيف جسٽس سپريم ڪورٽ کي خط لکي ڇڏيو. سحر شاهه خط ۾ چيو آهي ته منهنجي ڀاءُ جو 5 نومبر تي گهر مان لاش مليو. گهر کي ٻاهران تالو لڳل هو، گهر ۾ رت جا نشان ٻڌايا سحر شاهه لکيو ته گهر مان ليپ ٽاپ، سونا زيور ۽ ٻيو سامان به گم آهي. پوليس واقعي جي درست جاچ نه پئي ڪري سحر شاهه موجب منهنجو ڀاءُ ريڊيو تان پيار ۽ محبت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پي ٽي آءِ ڪارڪن عورتون عمران خان جي گهر ٻاهران وڪٽري جو نشان ڏيکارينديون

اسان کي نيوٽريلٽي نظر نه پئي اچي: اسد عمر

مسئلو معاشي نه قومي سلامتي جو بڻجي ويو آهي، ناڻي متاسنا جا ذخيرا ٽن هفتن جا رهجي ويا آهن، 1998 ۾ ب ن ليگ جي دور ۾ اهڙي معاشي صورتحال ٿي هئي

اسان کي نيوٽريلٽي جا آثار نظر نه پيا اچن، پي ٽي آءِ ميمبرن ٻڌايو ته ساڻس رابطا ڪيا پيا وڃن ۽ پيغام ڏنو پيو وڃي ته انهن جو مستقبل پي ٽي آءِ سان ناهي

نگران حڪومت ٺهندي ئي جيئڻ انتقامي ڪارروائي شروع ٿي، ان جي پويان ڪنهن مضبوط طاقت جي حوصلا افزائي موجود آهي: تحريڪ انصاف جو اڳواڻ

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف اڳواڻ اسد عمر دعويٰ ڪئي آهي ته اسان کي هن وقت نيوٽريلٽي نظر نه پئي اچي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اسد عمر چيو ته مسئلو معاشي نه قومي سلامتي جو بڻجي ويو آهي، ناڻي متاسنا جا ذخيرا ٽن هفتن جا رهجي ويا آهن. 1998 ۾ ب ن ليگ جي دور ۾ اهڙي معاشي صورتحال ٿي هئي. هن چيو ته اسان کي نيوٽريلٽي جا آثار نظر نه پيا اچن. پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ايران ۾ آذري سفارتخاني تي حملو، سيڪيورٽي چيف مارجي ويو

تهران ۾ سفارتخاني ۾ ڪلاشنڪوف ڪنيل شخص گهڙي آيو ۽ عملي تي فائرنگ ڪري ڏنائين

نتيجي ۾ آذري سفارتخاني جو سيڪيورٽي چيف مارجي ويو ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا: ذريعا

تهران (م ر) ايران جي تخت گاهه تهران ۾ آذربائيجان جي سفارتخاني تي حملي ۾ سيڪيورٽي چيف مارجي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: 18 ڳوٺاڻا ڪيئن فوت ٿيا؟

صحت کاتي جي ٽيم پتو لڳائڻ لاءِ متاثر ڳوٺ پهچي وئي

غير قانوني طور يونٽس هلائيندڙ فيڪٽريز خلاف ڀرپور ڪارروائي ٿيندي

ڪراچي (م ر) ڪياماڙي جي ڳوٺ علي محمد ۾ 10 ٻارن سميت 18 ڳوٺاڻا ڪيئن فوت ٿيا؟ صحت کاتي جي ٽيم پتو لڳائڻ لاءِ متاثر ڳوٺ پهچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن تي ننڍي چونڊ 16 مارچ تي ٿيندي

اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن تي چونڊ شيڊيول جاري ڪيو آهي

قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن تي 16 مارچ تي چونڊ ٿيندي: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي استعيفائن سبب خالي ٿيل قومي اسيمبلي جي 33 سيٽن تي ننڍي چونڊ جو شيڊيول جاري ڪيو ويو آهي. اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن تي چونڊ شيڊيول جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: مسلم ليگ ن جو مرڪزي اڳواڻ ڪيپٽن (ر) صفدر پريس ڪانفرنس ڪندي

ابراهيم حيدري پرسان سمنڊ ۾ ٻيڙي اونڌي، 4 مهاڻا ٻڏي ويا

ڪاٽين لاءِ ويل مهاڻن جي ٻيڙي ڦٽي ڪريڪ پرسان اونڌي ٿي، حادثي ۾ 4 مهاڻا ٻڏي ويا

واقعو گذريل رات پيش آيو، هڪ ڀاڻيو ۽ 2 ڀائيجا ٻڏي ويا، پنهنجي مدد پاڻ تحت سندن ڳولا ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي علائقي ابراهيم حيدري ويجهو سمنڊ ۾ مهاڻن جي ٻيڙي اونڌي ٿي جو واقعو پيش آيو آهي. مهاڻن موجب ڪاٽين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اقبال ڪلهوڙي ۽ جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ تي ٻڌل ٻه رڪني ٿي

بابر غوري 30 جنوري تي پاڪستان ايندو، دهشتگردي ٽوڙ عدالت بابر غوري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري

ڪيس ڪيا ويا، عدالت بابر غوري جا وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا آهن، بابر غوري کي نيب به طلب ڪري رکيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس اقبال ڪلهوڙي ۽ جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

وڏي وزير کي ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڊو رپورٽ پيش

شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 130 واقعا رپورٽ ٿيا جن ۾ 54 موبائل فون/نقدي ڇنڻ، 2 ڪارون ۽ 7 موٽرسائيڪلون ڇنيون ويون

67 موٽرسائيڪلون چوري ڪيون ويون، مزاحمت ڪرڻ تي ضلع مليرجي بن قاسم ٿاڻي جي حد جو رهواسي صادق ولد ابراهيم نالي هڪ شهري کي چورن زخمي ڪيو

ٽوٽل 130 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ 39 اسٽريٽ ڪرمنل/ ڦورو، 13 ڪار لفٽرز، 29 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 25 منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ 24 ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪنيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڊو رپورٽ پيش ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 130 واقعا رپورٽ ٿيا جن ۾ 54 موبائل فون/نقدي ڇنڻ، 2 ڪارون ۽ 7 موٽرسائيڪلون ڇنيون ويون جڏهن ته 67 موٽرسائيڪلون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

شيخ رشيد، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري تي ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام لڳائي رهيو آهي: شرجيل ميمڻ

شيخ رشيد سياسي يتيمي ۽ سياسي بيروزگاري جو شڪار ٿي چڪا آهن، شيخ رشيد پنهنجي سي وي کڻي هٿ پير هڻي رهيو آهي

شيخ رشيد کي پاڪستان پيپلز پارٽي، ن ليگ ۽ جي يو آءِ ف ڪيس نوڪري تي رکڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري پاڪستان کپي جو نعرو لڳائي ڏکين حالتن ۾ ملڪ کي بچائي ورتو هو: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته شيخ رشيد، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري تي ڪوڙا ۽ بي بنياد الزام لڳائي رهيو آهي. شيخ رشيد سياسي يتيمي ۽ سياسي بيروزگاري جو شڪار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 268 روپيا، ٻن ڏينهن ۾ 14 سيڪڙو لاٽ

انٽر بئنڪ مارڪيٽ جي اختتام تي آمريڪي ڊالر 24 رپيا 54 پئسا اضافي سان 255 رپيا 43 پئسا تي بند ٿي ويو

جمعي جي ڏينهن انٽر بئنڪ ڪاروبار جي شروعات تي ڊالر جي قيمت ۾ هڪ رپيو 57 پئسا واڌ ٿي: ذريعا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر جي اوچائي اڏام جاري آهي ۽ ريٽي جي مقابلي ۾ ڊالر جي قدر ۾ تيزي سان اضافو ٿي رهيو آهي. ڪالهه ڪاروباري ڏينهن جي شروعات کان وٺي آمريڪي ڊالر جي اگهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

زرداري مون کي قتل ڪرائڻ لاءِ دهشتگرد تنظيم کي پئسو ڏنو آهي: عمران خان

آصف زرداري مون کي قتل ڪرائڻ لاءِ هڪ دهشتگرد تنظيم تي پئسو لڳايو آهي، جنهن ۾ ايجنسي جا ماڻهو سهولتڪار آهن

مون کي قتل جي سازش جي خبر پئي ته مان وڊيو ناهي موڪلرائي، اهي چار ماڻهو آهن، جيڪي سازش ۾ شريڪ آهن، وڊيو بابت جلسي ۾ ٻڌايو

تنهن ڪري اهي پوئتي هٽي ويا، پلان بي ۾ توهين مذهب جو الزام هڻي مون تي حملو ڪرڻو هو، منهنجي خلاف مڪمل سازش هئي

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان الزام هنيو آهي ته آصف زرداري مون کي قتل ڪرائڻ لاءِ هڪ دهشتگرد تنظيم تي پئسو لڳايو آهي. جنهن ۾ ايجنسي جا ماڻهو سهولتڪار آهن لاهور ۾ وڊيو لنڪ ذريعي پريس ڪانفرنس ڪندي عمران خان چيو مون کي قتل جي سازش جي خبر پئي ته مان وڊيو ناهي موڪلرائي، وڊيو ۾ ٻڌايو ته اهي چار ماڻهو آهن، جيڪي سازش ۾ شريڪ آهن، وڊيو بابت جلسي ۾ ٻڌايو، تنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سون جو في تولو 2 لک رپيا ٿي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملڪ ۾ سون جو اگهه نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سون جو في تولو 2 لک رپيا ٿي ويو آهي. اڄ سون جو اگهه 7 هزار رپيا في تولو وڌي 2 لک 2 هزار 500 رپيا ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

قومي اسيمبلي جي 33 سيٽن تي ضمني چونڊن جو شيڊيول جاري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن قومي اسيمبلي جي 33 خالي ٿيل سيٽن تي ضمني چونڊن جو شيڊيول جاري ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل شيڊيول موجب قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ٻن هفتن ۾ بيماري ۾ 18 معصوم ٻارڙن سميت 20 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن: سردار عبدالرحيم

ايترن موتن تي طوفان ڪڙو ٿيڻ گهرجي هان، پر موت جي سوداگرن ڏوهاري خاموشي اختيار ڪئي آهي اقتدار تي ويٺل اهو جاٽي وٺن

اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن عوام جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي وڃي، چور حڪمرانن کي ڀڄڻ جو موقعو ن ملي

معصوم جانين جي ضيان ٿيڻ تي حڪومت ۽ ادارن جي سربراهن تي ڪيس داخل ٿيڻ گهرجي وارث بي يار مددگار آهن

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري جي ڊي اي جي اطلاعات سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو آهي ته ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙي ۾ موت جو رقص، ٻن هفتن ۾ پراسرار بيماري ۾ 18 معصوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نگران پنجاب حڪومت پاڻ سڌارڻ چاهي ٿي ته نواز ۽ شهباز کان پري رهي: پرويز الاهي

پرويز الاهي پنجاب ۾ انتقامي ڪيسن ۽ گرفتارين جي مذمت ڪئي آهي، پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي سان ملاقات ڪئي

نگران حڪومت چونڊون ٿيڻ ڪانپوءِ غير آئيني ۽ غير قانوني ڪمن کان پاسو ڪري، نواز شريف جو مقصد مخالفن خلاف بغاوت ۽ دهشتگردي جا ڪيس ناهڻ رهيو آهي

پنجاب حڪومت شفاف چونڊن لاءِ آئيني ڪردار تائين پاڻ کي محدود ڪري، پرويز الاهي چيو ته نگران حڪومت 22 مهينن ۾ سٺو نالو ڪمايو: پنجاب جو وڏو وزير

لاهور (م ر) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي پنجاب ۾ انتقامي ڪيسن ۽ گرفتارين جي مذمت ڪئي آهي. پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي سان ملاقات ڪئي. پرويز الاهي پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاهور: پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي اجلاس جي صدارت ڪندي

احمد اويس ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب جي عهدي تي بحال

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ احمد اويس کي ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب جي عهدي تي بحال ڪري ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عاصم حفيظ احمد اويس جي بحالي واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت نگران حڪومت جو ايڊووڪيٽ جنرل کي عهدي تان هٽائڻ وارو نوٽيفڪيشن معطل ڪندي کيس بحال ڪري ڇڏيو. عدالت پنجاب حڪومت کي 30 جنوري صبح 10 وڳي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

ڪراچي: ڪياماڙي ۾ زهريلي گئس سان 18 ٻار فوت ٿيڻ جو انڪشاف

واقعي ڪانپوءِ چڻ ڪمپنين کي سيل ڪري هڪ مالڪ ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو ويو آهي

صحت کاتي جي ٽيم جاچ ڪئي، ٽيم زهريلي گئس سان فوتگين جي تصديق ڪئي آهي

لاڏاڻو ڪري ويندڙ ٻار سيني ۾ تڪليف، بخار ۽ ڳلي ۾ تڪليف جو شڪار رهيا: ضلعي انتظاميا

ڪراچي (م ر) ڪراچي جي ضلعي ڪياماڙي جي علائقي مواچ ڳوٺ ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ زهريلي گئس سان متاثر 18 ٻار فوت ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. واقعي ڪانپوءِ چڻ ڪمپنين کي سيل ڪري هڪ مالڪ ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران خان جي بني گالا واري رهائشگاهه تان پوليس سيڪيورٽي واپس

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرو وزير راڻا ثناءُالله جي هدايت تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان ذاتي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي

سيڪيورٽي خطرن ۽ 3 نومبر تي قاتلاڻي حملي جي خبر هجڻ باوجود عمران خان کان قانوني طور تي ورتي وئي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي

الله پاڪ توهان کي سلامت رکي، عمران خان جي سيڪيورٽي هٽائي توهان ڪهڙو پيغام موڪلڻ چاهيو ٿا: وفاقي وزير مراد سعيد

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻن دعويٰ ڪئي آهي ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان ذاتي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ مشهور ڳائڻي سلمان احمد سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ لکيو ته فاشسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

انٽر بئنڪ ۾ اڄ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ وڏي واڌ

ڪراچي (م ر) انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر جي قدر ۾ 24 رپين کان وڌيڪ واڌ بعد مسلسل ٻئي ڏينهن به ريٽي جي بي قدري جاري رهي. اڄ ڊالر وڌيڪ 7 رپيا 17 پئسا واڌ سان 262 رپين 60 پئسن جو ٿي ويو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب اڄ انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ ريٽي جي قدر ۾ 2.73 سيڪڙو يا 7 رپيا 17 پئسا گهٽتائي ٿي، جنهن ڪانپوءِ ڊالر 262 رپين 60 پئسن تي بند ٿيو جيڪو گذريل ڏينهن 255.43 رپيا هو

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان پنجاب جو وڏو وزير محسن نقوي ملاقات ڪندي

ٽنڊي محمد خان ۾ پروفيسر منل جسڪاڻي لائبريري جو افتتاح

جديد ٽيڪنالاجي جو بنيادي محرڪ به اسڪول، درسگاهون ۽ لائبريريون آهن: پروفيسر منل جسڪاڻي

آئون خوشنصيب آهيان جو دوستن هميشه منهنجي مڃتا ۽ پذيرائي جي جوهر کي جرڪايو آهي

لائبريرين سان اسان جي نوجوان نسل لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿي، علم جي روشني پکيڙجي ويندي آهي

ٽنڊو محمدخان(در مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ پروفيسر منل جسڪاڻي جي نالي سان منسوب هڪ لائبريري جو افتتاح ٿي گذريو لائبريري جو افتتاح پروفيسر منل جسڪاڻي ، ڊاڪٽر اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊي محمد خان: پروفيسر منل جسڪاڻي لائبريري جوافتتاح جي تقريب جوڏيک

ناروشاهه پريس ڪلب جو
اهم اجلاس ٿي گذريو
اڳواڻن جي شرڪت

ناروشاهه(رپورٽر)پريس ڪلب ناروشاهه جو اهم اجلاس ثناءالله مهر جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سال 2023 جي نئين باڊي اتفاقي راءِ سان چونڊي وئي جنهن صدر غلام شبير اڄڻ سينئر نائب صدر ملوڪ عباسي نائب صدر علي اڪبر اڄڻ جنرل سيڪريٽري بشارت سومرو جوائنٽ سيڪريٽري حافظ عبدالستار سولنگي خزانچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

”خانپورمهر واسين کي پنهنجا جائز حق ڏيو“ عدالت ۾ پٽيشن داخل

اربين روپين جي بجيٽ هوندي به ضلعي گهوٽڪي جي حالت نه سدري سگهي آهي: متن

رڪارڊ نه مليو ته اعليٰ عملدارن، ضلعي انتظاميا خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ويندي

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر واسين کي پنهنجا جائزحق ڏيو گهوٽڪي واسي ايڊوڪيٽ راشد نونازي پاران چيف انفارميشن ڪمشنر سنڌ ڏانهن درخواست داخل ڪرائي ڇڏي، ايڊوڪيٽ راشد نونازي پنهنجي خط ۾ ڄاڻايو آهي ته ايجوڪيشن ورڪس ڊپارٽمنٽ، هاءِ ويز ڊپارٽمنٽ، ڊي ٽي او پرائمري، ورڪ اينڊ سروس ڊپارٽمنٽ سميت ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نئون ڪوٽ ۾ وڌندڙ بدامني چورين ڦرن پوليس پاران غريب ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ خلاف مظاهرو

محمد رحيم چانڊيو مينهون خاصخيلي عالم چانڊيو دوست علي چانڊيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، نعريبازي

ايس ايڇ او ڌوهارين سان مليل آهي هت سان ڏوهه ڪرائي ٿو غريب ماڻهو لپ اٿي جي وٺي ٿاڻي اڳيان گذري ٿو ڪيس داخل ڪري ٿو: مظاهرين

مون وٽ ڪنهن به چوري جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ نه آيو آهي مون تي لڳل الزامن ۾ ڪا به صداقت نه آهي مون کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي: ايس ايڇ او

نئون ڪوٽ (رپورٽر) وچوٽو پوليس خلاف رهواسين جو وڌندڙ بدامني چورين ڦرن پوليس پاران غريب ماڻهن کي گرفتار ڪري بلا جواز ڪيس داخل ڪرڻ خلاف مليل نئون ڪوٽ مين روڊ تي محمد رحيم چانڊيو مينهون خاصخيلي عالم چانڊيو دوست علي چانڊيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو مين روڊ بلاڪ ڳاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نئون ڪوٽ: وڌندڙ بدامني چورين ڦرن پوليس پاران غريب ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

رتوديرو ۾ نائين درجي جي
شاگرديائي پوري سنڌ لاءِ مثال
بڻجي وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاهه محمود پٺو) گورنمينٽ گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول رتوديرو ۾ پڙهندڙ نائين درجي جي شاگرديائي زينب زنگيجو پوري سنڌ لاءِ مثال بڻجي وئي، ست ڪلو ميٽر جو سفر موٽرسائيڪل هلائي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪول پهچندي آهي. اسان وٽ نياڻين کي اعليٰ تعليم نٿي ڏياري وڃي. اعليٰ تعليم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ديرو:مشهور بزرگ سيد غلام حسين شاهه بخاري جي جنازي نماز ادا

سيد غلام حسين شاهه جي پٽ حافظ عطاالله شاهه بخاري جنازي نماز پڙهائي

جنازي نماز ۾ لکين جي تعداد ۾ مريدن شرڪت ڪئي، هر اک آلي نظر آئي

نئون ديرو (رپورٽ شاهه محمود پٺو) درگاهه حسين آباد قمبر شريف جي گادي نشين مشهور مذهبي شخصيت سيد غلام حسين شاهه بخاري جي جنازا نماز درگاهه قمبر شريف ۾ نهايت عقيدت سان احترام سان پڙهائي وئي جنهن ۾ پوري پاڪستان کان سياسي سماجي بالا آفيسرن،مذهبي ادبي صحافي هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙن سندس مريد عقيدتمندن شرڪت ڪئي سندس جو آخري ديدار مريدن ۽ عقيدت مندن کي ڪرايو ويو بعد ۾ سندس کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو پوليس جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي هئي هر طرف فقيرن جون آهنگارون پوري علائقي ۾ ماحول سوگوار ڇانيل رهيو ،هوڏانهن سندس وارث ڏنو ماڇي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهارو ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران سوئيڊن واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

مولوي ارشد نعيمي ۽ محمد فيصل رضوي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي، سخت نعريبازي

مسلسل يهودي ملڪ ڪڏهن حضور اڪرم صلی الله عليه وسلم جي شان ۾ گستاخي ته ڪڏهن قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪن ٿا: مظاهرين

حضور اقدس ۽ صحابه ڪرام رضہ ۽ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪندڙن سان مڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪيو وڃي

گهارو(بشام جوکيو) تحريڪ لبيڪ پاڪستان گهارو پاران سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف لبيڪ تحفظ قرآن ريلي ڪڍي وئي تفصيل موجب سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف تحريڪ لبيڪ پاڪستان گهارو پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهارو: تحريڪ لبيڪ پاڪستان پاران سوئيڊن واقعي خلاف احتجاج

ڪشمور ۾ يوريا ڀاڻ
ڊيلر به لغام ٻٽيل،
اختياريون خاموش

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ يوريا ڀاڻ ڊيلر به لغام ٻٽيل سونا يوريا ۽ اينگرو ڪمپني ڪان اينڊ ڀاڻ 33 سئو روپين ۾ بليڪ تي وڪرو جاري ڪشمور انتظاميا طرفان آبادگارن سان ٿيندڙ ڪلور روڪڻ لاءِ ڪي به جوڳا اپاءُ نه ورتا يونائيٽيڊ فرٽيلائيزر ڪمپني جي سرواڻند، سوني فرٽيلائيزر ڪمپني جي مڪيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو ۾ نوجوان گل محمد ميتلو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو، ڌرڻو

ڳوٺ ڪيٽي جتوئي ۾ هڪ هفتو اڳ قتل ٿيل نوجوان گل محمد ميتلو جي وارثن احتجاجي مظاهرو ڪيو

بااثر جوابدارن پورهيت گل محمد پٽ نور محمد ميتلو کي هٿياربندن گوليون هڻي قتل ڪيو هو:مظاهرين

فوري طور ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري تحفظ ڏنو وڃي: مطالبو

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ ڪيٽي جتوئي ۾ هڪ هفتو اڳ قتل ٿيل نوجوان گل محمد ميتلو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن خلاف عورتن ۽ معصوم ٻارن دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان موقعي تي مظاهرين علي حسن حسين، غلام قادر ميتلو، حرمت، رضيہ ۽ ٻين ڏانهيو ته هڪ هفتو اڳ ڪجي جي علائقي ڪيٽي جتوئي ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت گل محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس

ايڪسين پبلڪ هيلٿ عنايت الله ميمڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت غلام فاروق وسطڙو ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

سڀني تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنر پنهنجن تعلقن ۾ ڪشميري ڀائرن سان ٻڌي لاءِ پروگرام ڪرائڻ: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر

مختلف تعليمي ادارن ۾ تقريري مقابلا ڪرائي بهتر ڪارڪردگي پيش ڪندڙ شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام تقسيم ڪن: خطاب

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ منظور ملڪ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه جي صدارت هيٺ 5 فيبروري تي ڪشميرين سان يڪجهتي واري ڏهاڙي جي حوالي سان انتظامن جي حوالي سان اجلاس ٿيو. ان موقعي تي ايڪسائيز پبلڪ هيلٿ عنايت الله ميمڻ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت غلام فاروق وسطڙو، ڊي اي او پرائمري حزب الله ڪوريجو ڊپٽي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين شاهه جي صدارت هيٺ اجلاس جو ڏيک

قاضي احمد ۾ وياجين ڪان
تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ
نوجوان جي وارثن پاران احتجاج

قاضي احمد(رپورٽر)قاضي احمد وياجين ڪان تنگ ٿي خودڪشي ڪندڙ سردار ڪالوني جو رهواسي نوجوان شان علي راول پنهنجي امڙ ۽ ڀاءُ سان گڏ ٿي ميڊيا جي اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته مون 2019 ۾ شوڪت جوکيو کان قسطن تي موٽرسائيڪل ورتي هئي جيڪا 90 هزار جي هئي مان هن کي هر مهيني قسط ڏيندو آيس پئي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ايس ايس پي نوشهروفيروز ايس ايڇ او مورو کي سي سي ٽو ۽ نقد رقم انعام سان نوازي ڇڏيو

ايس ايس پي عبدالقيوم پتافي جي حڪم تي ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي: ايس ايڇ او مورو

ڌوهاري يا منشيات فروش کي بخش نه ڪيو ويندو روزانو جي بنياد تي ڌوهارين خلاف ڪارروائيون جاري آهن

ڌوهاري ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن ٻر ڪين هرگز بخش نه ڪيو ويندو، علائقي ۾ امن ڪرائينداسين: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز پاران مورو ايس ايڇ او کي سي سي ٽو ۽ نقد رقم انعام سان نوازي ڇڏيو تفصيل موجب مورو ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر پاران 7 جوابدار کي گرفتار ڪري ڌوهارين جي نشاندهي تي 50 چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ بعد ايس ايس پي نوشهروفيروز عبدالقيوم پتافي پاران ايس ايڇ او علي اڪبر ڪوڪر کي ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊيارو ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران هفتيوار پروگرام

مولوي ارشاد علي مري ۽ مولوي حافظ محمد صادق چانگ طاهري ۽ ٻين خطاب ڪيو

مراقبو خليفا دين محمد چنڙ ڪرايو، آخر ۾ پوري امت مسلما لاءِ دعا خير گهري وئي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ڪنڊيارو جماعت اصلاح المسلمين برانچ سومر چنڙ پاران هفتيوار پروگرام محمدي مسجد سومر چنڙ ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ جي سرپرست اعلا خليفا دين محمد چنڙ ۽ برانچ جي صدر وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ سوئيڊن واقعي خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاج

قرآن شريف جي بيحرمتي خلاف روڊن تي نڪرن مسلماني جو ثبوت پيش ڪن: مظاهرين

ڪافر ڪمزور ٿيندا آهن مسلمانن کان خوفزده ٿيندا آهن تڏهن اهڙيون حرڪتون ڪندا آهن

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) جماعت اسلامي پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف اقصيٰ ڪوسڪي روڊ کان بدين پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، سوين گڏ ٿيل ماڻهن جي ميڙ ۾ احتجاجي مظاهري کي جماعت اسلامي پاران خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

لبيڪ تحفظ قرآن مارچ

بدين ۾ سوئيڊن واقعي خلاف تحريڪ لبيڪ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوهستاني پٽي ۽ آسپاس ۾ ناياب مختلف وڻن جي غيرقانوني وادي جاري

وڍيل ناياب وڻن جون ٽرڪون، سوزوڪيون ۽ رڪشه ڀرجي وڪرو ٿيڻ لڳا، اختياريون خاموش

وائلڊ لائيف کاتي سميت انتظاميہ ڪو به تحرڪ ناهي ورتو، سڄاڻ ڌرين پاران واهر جي گهر

ٺٽو(د ر)ڪوهستاني پٽي لوٽي ڪوٽ، جنگشاهي ۽ سورجاٿو جبل جي آسپاس بيٺل ناياب مختلف وڻن جي غيرقانوني واڍي جاري، وڍيل ناياب وڻن جون ٽرڪون، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ وارو عمل سمجهداري آهي: محمد صفدر ٺٽوي

اهو نه صرف ٻار جي بهتر ترقيءَ جو سبب بڻجي ٿو پر عملي زندگيءَ ۾ ان جي تمام گهڻي مدد ڪري ٿو

اچو ته انهن فائدن کي وڌيڪ تفصيل سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون: پروگرام انچارج جو خطاب

ٺٽو (جاويد ميمڻ) اسڪول جي غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ وارو عمل سمجهداري آهي. اهڙو عمل شاگردن جي پوشيده صلاحيت کي بيدار ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو جنهن سان شاگردن جي مجموعي ڪارڪردگي بهتر ٿئي ٿي، اهڙن خيالن جو اظهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڀنون ۾ غريب استاد جي گهر کي پراسرار طور باهه، سامان سڙي رک

غريب ماستر ابراهيم عرف غلام مگنهار جي گهر کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

گهر ۾ پيل روڪ رقم 2 لک 65 هزار روپيا، سونا زيور ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڀنون شهر ۾ غريب استاد جي گهر کي پراسرار طور باهه، لکين روپين جو نقصان، الهرتلهو سڙي باهه جي رک، متاثر گهرڀاتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دڙو: غريب استاد جي گهر کي لڳل باهه بعد سڙي ويل سامان جو ڏيک

ايم پي اي ممتاز چانڊيو ڪروڙين روپين جون اسڪيمون ڏنيون آهن: ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ

سڄي شهر ۾ ساڳي نموني سان ٺيڪيدار سٺو ڪم ڪرائي رهيا آهن، ترقياتي ڪم بهتر هلي پيو

ڪجهه بليڪ ميلر جيڪي شهر جي ترقي ۾ خوش ناهن اهي بنا جواز بليڪ ميل ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪالهوڪي ٿيل شهر جي واقعي ۾ ڪجهه بليڪميلرن جيڪي شهر جي ترقي ۾ خوش ناهن ۽ انهن هميشا شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز جي مٽياڻي روڊن تان بيٺل پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

مٽياڻي روڊ تباهه آهي هتان جي نمائندن هن مهل تائين ڪو به ايڪشن نه ورتو: مظاهرين

ٻن ڏينهن اندر روڊ جي صفائي نه ڪرائي ڏني وئي ته اسين احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) مسلسل ستن سالن سان مٽياڻي روڊ تي گندو پاڻي بيهڻ سبب شهري عوام ۽ دڪاندار سخت پريشان ڪي منهن ڏيڻ لڳا ۾ ضلعي انتظاميا ان جو ڪنهن به قسم جو نوٽيس ناهي ورتو نوشهرو فيروز ۾ سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: مٽياڻي روڊن تان بيٺل پاڻي نيڪال نه ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪندي

نٽي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي ڪائونسل جو اجلاس

مادر وطن جي جلسي کي ڪرڻ لاءِ هر يونين ۾ دورا ڪرايا ويندا: اڳواڻ

اڳواڻن تي ڪم ڪار لاءِ مختلف ڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون

ٺٽو(جاويد ميمڻ) سنڌ ترقي پسند پارٽي ٺٽو جو ضلعي ڪائونسل جو اجلاس مڪلي ترقي پسند هائوس تي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سومار مگريو صاحب جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، جنهن ۾ مرڪزي اڳواڻن چاچا عاشق سولنگي ڊويزن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊو باگو ۾ سراج هاليپوٽو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

سراج هاليپوٽو سنڌي ۽ اردو جو بهترين شاعر ۽ ترجمہ نگار هو: مقرر

رسول بخش پليجو جو ڪتاب سنڌ پنجاب واٽر ڊسپيوٽ انگلش مان اردو ۾ ترجمو ڪيو

ٽنڊوباگو(رپورٽ: سهيل سمون)سنڌي هاري تحريڪ پاران خليفوقاسم لڳ ڳوٺ ٽيڪمداس ڪولهي ۾ سراج هاليپوٽو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ اڳواڻ لطيف هاليپوٽو چيو ته سراج هاليپوٽو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

محفوظ ۽ آسان سفر اولين ترجيح آهي: آءِ جي موٽروي پوليس خالد محمود

روڊ تي مسافرن کي بروقت مدد ۽ سموريون سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

موٽروي پوليس جا وڌيڪ آفيسر موڪلن دوران مقرر ڪيا پيا وڃن: ڳالهيون

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)موٽر وي پوليس جي آءِ جي خالد محمود پاران جاري ڪيل نو مور مهر جي سلسلي ۾ روڊ جي مسافرن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي سفر کي آسان ۽ محفوظ بنائڻ لاءِ ايڊيشنل آءِ جي سلطان خواجا ۽ ڊي آءِ جي جاويد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

GUIDANCE CENTER
NATIONAL HIGHWAYS & MOTORWAY POLICE
BEAT-29 KANDIARO
HIGHWAY PATROL

نوشهروفيروز: موٽروي پوليس اهلڪارن جو گروپ فوٽو

ڪنڌڪوٽ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي

ڦرون اغوا ڌاڙن چورين ۽ هندو نياڻين کان ڦر خلاف سٽي پارڪ ڪنڌڪوٽ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، سخت نعريبازي

ضلعو ڌوهارين جو ڳڙهه بڻجي ويو آهي. انتظاميہ ناڪام ثابت ٿي وئي آهي. اغوا ڦرون چورين روز جا معمول بڻجي ويا آهن: مظاهرين

اسان جي چونڊيل نمائندن جي خاموشي سمجهه کان ٻاهر آ ٿاڻن تي ڌوهارين جا يار ايس ايڇ او رکيل جيڪو ڏوهه ڪرائي رهيا آهن

ڪنڌڪوٽ(رپورٽ امداد ٻنگوار) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي ڪشمور پاران وڌندڙ بدامني ڦرون اغوا ڌاڙن چورين ۽ هندو نياڻين کان ڦر خلاف سٽي پارڪ ڪنڌڪوٽ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي گهنٽا گهر کان ٿيندي لائبريري چوڪ کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڌڪوٽ: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ نڪتل احتجاجي ريلي جو ڏيک

دادو: پوليو ٽيم تي حملي وارو
معاملو ليڊي پوليس اهلڪار
ترديد ڪري ڇڏي

دادو(ن سنڌيار) گذريل ڏينهن پوليو ٽيم تي حملي وارو معاملو الزام هيٺ آيل ليڊي پوليس اهلڪار پاران معاملي جي ترديد پنهنجي ٽي پوليس پارٽي جا پول پڌرا ڪري ڇڏيا وومين اينڊ چائلڊ پروٽيڪشن انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي ۽ پوليس اهلڪار عامر طرفان جنسي نازيبا ڪمن ۾ ملوث ٿيڻ بعد ٿيل ڏاڍاين ۽ نا انصافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

يوسي ماٽڪ لغاري ۽ يوسي اي ڊي سريوال جي عوام جا ٿورائتا آهيون: تنوير سريوال

اسان جي ڪوشش هوندي ته علائقي جي اهم ۽ بنيادي مسئلن کي حل ڪرائي عوام جي اعتماد تي پورا لهون

اليڪشن کٽڻ بعد اسان پوري يوسي جي عوام جا نمائندا آهيون ۽ اسان جا دروازا هر ڪنهن ماڻهو لا هروقت کليل هوندا

گلاب لغاري(رپورٽر گلزار لغاري) گلاب لغاري جي يوسي ماٽڪ لغاري ۽ يوسي اي ڊي سريوال جي عوام جا ٿورائتا آهيون جن پيپلزپارٽي ۽ اسان تي اعتماد جو اظهار ڪندي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو آهي ۽ اسان جي ڪوشش هوندي ته علائقي جي اهم ۽ بنيادي مسئلن کي حل ڪرائي عوام جي اعتماد تي پورا لهون اهڙو اظهار ڪاميابي ماڻيندڙن ضلع ميمبرن تنوير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جي ڊي اي جي ايم پي اي معظم عباسي جي قتل ڪيس ۾ ضمانت منظور

ڪلهوڙا چانڊيا تڪرار ۾ قتل ٿيل چانڊيا برادري قتل ڪيس ياڳو ديرو ٿاڻي تي داخل هو

ايم پي اي معظم تي تڪرار دوران چرچ ڪري ماڻهو مارائڻ جو ڪيس داخل هو

نوشهرو فيروز اندر چانڊيا عباسي هٿ وٺي تڪرار پيدا ڪيو ويو آهي: معظم عباسي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)ايم پي اي لاڙڪاڻو جي ڊي اڳواڻ سردار معظم عباسي اي ٽي سي ڪورٽ نوشهرو فيروز ۾ ضمانت لاءِ پيش ٿيو ڪورٽ سڳوري سندس ضمانت هڪ لک روپيا مچلڪا جمع ڪرائڻ بعد منظور ڪئي سندس جو ڀڃي سوين عباسي برادري جا ماڻهو غلام حسن عباسي مظهر عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جمع ٿي سردار تي گلن جي ورکا ڪئي بعد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان ۾ بزرگ سيد
عبدالفتاح شاهه بخاري جو
عرس جاري

ٽنڊو محمد خان(۾ مظفر علي بروهي)سنڌ جي صوفي بزرگ سيد عبدالفتاح شاهه بخاري جي ساليانو عرس مبارڪ ڏهاڙي کي صوفياڻي طرز سان عورتن مهندي جي رسم ، مغرمان جي ناچ سان ادا ڪئي وئي آهي . درگاهه جي اڱڻ ۾ ميلي جي رسمن جو درگاهه جي ولي عهد سيد ذوهيب حسين شاهه بخاري ، ايم پي اي سيد اعجاز شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: ڳوٺاڻا قتل ڪيل نوجوان جا وارث جوابدار کي سزا ڏيڻ لاءِ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

مٽياڻي ويجهو ڳوٺ نبي بخش سولنگي ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو

الطاف سولنگي کي زمين جي ورهاست جي معاملي تان سندس سوٽن لٺيون زخمي ڪري ڇڏيو

عثمان سولنگي منظور سولنگي امداد سولنگي ۽ اقبال سولنگي خلاف اين سي داخل ڪئي وئي

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) مٽياڻي لڳ ڪوڙي جا ڀان ڳوٺ نبي بخش سولنگي ۾ سولنگي برادري جو زمين تان پراڻي تڪرار وري ڪرڪيٽون لٺين ۽ ڪهاڙين جا وسڪارا الطاف سولنگي ڪهاڙيون لڳڻ تي سخت زخمي جڏهن ته ميڊيا سان ڳالهائيندي الطاف سولنگي چيو ته زمين منجهنجي والد جي آهي جيڪا منهنجي ذاتي زمين آهي جنهن تي منهنجا مائٽ امداد سولنگي عثمان اسلم وارا قبضو ڪرڻ ٿا چاهين جڏهن ته زمين جو به دفعا فيصلو به ٿيو آهي جنهن تي امداد سولنگي وارن تي 10 لک ڏنڊ به لڳو ۽ اهو فيصلو امداد وارن قبول نه ڪيو ۽ وري منهنجي زمين تي قبضو ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون جڏهن ته ڪالهه تاريخ 26 جنوري تي مان پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دڙو ۾ سوئيڊن حڪومت پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف مختلف جماعتون ميدان تي اچي ويون

جماعت اهلسنت، تحريڪ لبيڪ پاڪستان سميت مختلف سياسي سماجي ڌرين پاران پاڪ ڪتاب جي بيحرمتي خلاف احتجاج، نعريبازي

حافظ ڏٽي ڏنو جاکرو، اختر ڪڇي، مولانا حيدر ترڪ، مولانا منظور لغاري، مشتاق مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

هر طرف لبيڪ يارسول جون صدائون بلند ڪري سوئيڊن، فرانس ۽ گستاخي ڪندڙ ٻين يورپي ملڪن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ سوئيڊن حڪومت پاران قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف جماعت اهلسنت، تحريڪ لبيڪ پاڪستان سميت مختلف سياسي سماجي ڌريون ميدان تي اچي ويون. هزارين ماڻهن جي ريلي. قرآن پاڪ جي بي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دڙو: سوئيڊن ۾ ڪلام پاڪ جي توهين خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ايڊمنسٽريٽر ٻولهاڙي عدالت
۾ درخواست داخل 3 فيبروري
تي طلب

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي جي شهري پاران ايڊمنسٽريٽر ٻولهاڙي عمران گهمرو تي ڄامشورو ڪورٽ ۾ درخواست داخل 3 فيبروري تي طلب ميونسپل ٻولهاڙي جي ايڊمنسٽريٽر وڏي رشوت جي بدلي ۾ ڪيبل ڪمپني کي جعلي اجازت نامو جاري ڪري روڊن جي نالن ۽ واٽر سپلاءِ لائين کي خراب ڪري ڇڏيس، زاهد حسين جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊي محمد خان ۾ پروفيسر منل جسڪاڻي لائبريري جو افتتاح

جديد ٽيڪنالاجي جو بنيادي محرڪ به اسڪول، درسگاهون ۽ لائبريريون آهن: پروفيسر منل جسڪاڻي

آئون خوشنصيب آهيان جو دوستن هميشه منهنجي مڃتا ۽ پذيرائي جي جوهر کي جرڪايو آهي

لائبريرين سان اسان جي نوجوان نسل لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿي، علم جي روشني پکيڙجي ويندي آهي

ٽنڊو محمد خان (در مظفر علي بروهي)جديد ٽيڪنالاجي جو بنيادي محرڪ به اسڪول، درسگاهون ۽ لائبريريون آهن. جتان شعور جا ڪرڻا سموري دنيا ۾ ڦهليا آهن . اهڙو اظهار ناميارو اديب پروفيسر منل جسڪاڻي ، ٽنڊو محمد خان ۾ پروفيسر منل جسڪاڻي لائبريري جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ، هن چيو ته لائبريريون اسانجو ماضي به آهن ، حال به آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو نجي بينڪ ايڇ بي ايل مائيڪرو فنانس انتظاميہ پاران پينشن هولڊرز سان ناانصافيون وڌي ويون

لون ڪٽڻ لاءِ مبينا رشوت ۽ رشوت نه ڏيڻ تي بار بار بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي ڪلائنٽس کي مجبور ڪرڻ جو سلسلو جاري

بينڪ عملو لون ڪٽڻ لاءِ مبينا غيرقانوني رشوت طلب ڪري رهيا آهن نه ڏيڻ تي بنا جواز چڪر ڪاٽرائي رهيا آهن: متاثر

نوٽيس وٺي جي ڪرپٽ ۽ راشي عملي کي فوري طور تي هٽايو وڃي ته جيئن هن اداري جي ساک کي نقصان نه پهچي

دادو(ن سنڌيار) دادو نجي بينڪ ايڇ بي ايل مائيڪرو فنانس انتظاميہ پاران پينشن هولڊرز سان ناانصافيون وڌي ويون. لون ڪٽڻ لاءِ مبينا رشوت ۽ رشوت نه ڏيڻ تي بار بار بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي ڪلائنٽس کي مجبور ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. پينشنر هڪ عورت جي ڀاءُ چيو آهي ته منهنجي ڀيڻ پينشن هولڊر آهي ڪنهن ضرورت سبب بينڪ مان لون ڪٽڻ چاهيو اٿس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

HBL MICROFINANCE BANK
ايڇ بي ايل مائيڪروفنانس بينڪ
Dadu

دادو: نجي بينڪ ايڇ بي ايل مائيڪروفنانس ۽ ملازم جو فائل فوٽو

خيرپور ناٿن شاهه ۾ کلي آسمان هيٺ
ويٺل ٻوڏ متاثرن ۾ 400 گرم
ڪمبل ورهايا ويا

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر)خيرپور ناٿن شاهه جي ڳوٺ لولجا ۾ سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئنڪ الفلاح پاران کلي آسمان هيٺ ويٺل ٻوڏ متاثرن ۾ 400 گرم ڪمبل ورهايا ويا تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه ۾ سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئنڪ الفلاح پاران ڳوٺ لولجا ۾ کلي آسمان هيٺ ويٺل غريب مسڪين ماڻهن جي مدد لاءِ 400 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو ۾ تحريڪ لبيڪ ۽ شهري سول سوسائٽي پاران سوڊان واقعي خلاف احتجاجي مظاهرا

علامه غلام مصطفيٰ، امير راشد رضوي، امير مولوي صدام حسين ۽ ٻين جمع نماز بعد بينر کڻي احتجاج ڪيو

مظاهرين جو گشت ڪري دادو پريس ڪلب آڏو جتي نعري بازي ڪري سوئيڊن پرچم کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

حڪومت پاڪستان سوڊان سان سفارتي ناتا ختم ڪري بيحرمتي ڪندڙ کي سخت سزا ڏني وڃي: مظاهرين

دادو(ن سنڌيار)سوئيڊن ۾ پاڪ ڪتاب قرآن شريف جي بي حرمتي ڪرڻ خلاف مذهبي تنظيم تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلع دادو ۽ سماجي تنظيم مرڪزي مسلم ليگ ضلع دادو پاران تحفظ قرآن پاڪ مارچ عنوان هيٺ الڳ الڳ ريليون ڪڍيون ويون تنظيمن جي عهديدارن ميمبرن پاران هٿن ۾ بئنرز ۽ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي تحفظ قرآن پاڪ مارچ ڪري الڳ الڳ ڪڍيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 28 جنوري 2023ع

عوام ۽ عدالت کي مطمئن ڪرڻو پوندو

سنڌ ۾ ٻوڏ جيڪا تباهي آندي سا آندي پر ان کانپوءِ سرڪاري، انتظامي ۽ ادارتي جيڪا تباهي آندي وئي اهي ڳالهيون آڏو اچڻ کانپوءِ اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي ته ٻوڏ متاثر ڪهڙي عذاب مان گذريا هئا يا اڃا تائين گذري رهيا آهن. اڳ ۾ عام ماڻهو، مخالف سياسي سماجي اڳواڻ اهي دانهون ۽ شڪايتون ڪري رهيا هئا ته ٻوڏ متاثرن لاءِ سرڪار ڪجهه نه پئي ڪري يا انهن جي نالي تي جاري ٿيندڙ امداد ۾ غبن ڪيا پيا وڃن يا نقصان جا انگ اکر غلط ٻڌايا پيا وڃن پر هاڻي ته ڳالهه اچي سنڌ هائيڪورٽ تائين پهچي چڪي آهي جتي نه رڳو عدالت انهي تي ڳالهائي رهي آهي پر جيڪي انگ اکر سرڪاري طور پڌرا ڪيا ويا آهن اهي به سرڪاري دعوائن کي ڌوڙ ڪري رهيا آهن ۽ انهن انگن اکرن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته نه رڳو لاپرواهي ڪئي وئي آهي پر انهي امداد ۾ به غبن ۽ ڪرپشن ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ضلعي انتظاميا کان وٺي اتان جا مقامي چونڊيل نمائندا ۽ سياسي اڳواڻ شامل آهن. جنهن ڪري نه ٻوڏ متاثرن تائين رليف پهچي سگهيو نه انهن کي امداد ملي سگهي نه ئي انهن جي ڪا داد رسي ٿي سگهي. هن وقت تائين ٻوڏ متاثرن جي واهر نه ٿيڻ ۽ انهن جي سار سنڀال نه لهڻ ۽ انهن جي لاءِ پهتل امداد جي درست نموني ورهاست نه ٿيڻ تي عدالت سڳوري به ڪاوڙ جو اظهار ڪيو آهي. اسان وٽ اها روايت ٿي وئي آهي ته انتظاميا يا سرڪار تيستائين ڪو ڪم صحيح انداز ۾ نه ڪندي آهي جيستائين ڪين ڪنهن عدالت جو دٻپ نه هجي. ان جا اڳ ۾ به ڪوڙ مثال آهن پر هاڻي ٻوڏ متاثرن جي رليف ۽ بحالي جو معاملو به عدالت ۾ پهتو آهي ۽ اتي جيڪي انگ اکر ظاهر ٿيا آهن انهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪيئن انهن ۾ غبن ڪيو ويو يا لاپرواهي ڪري ٻوڏ متاثرن کي انهي رليف کان پري رکيو ويو. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر ۾ جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس عبدالمبين لاکو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ سکر ڊويزن جي برسات متاثرن جي واهر ۽ پاڻي نيڪال نه ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جسٽس صلاح الدين پنهور ريمارڪس ڏيندي چيو ته هن مهل ڪروڙين ماڻهو تڪليف ۾ آهن انهن جون زندگيون خطري ۾ آهن انهن کي رليف ناهي ملي سگهيو. پي ڊي ايم اي عملدارن انڪشاف ڪيو ته 60 هزار کان وڌيڪ تنبو (خيما) غائب آهن. 4 هزار کان وڌيڪ برسات ۽ ٻوڏ متاثر ماڻهو مري ويا آهن جن مان رڳو 232 فوتين جي وارثن کي 10-10 لک روپيا معاوضو ڏنو ويو آهي. عدالت چيو ته هزارين خيما غائب آهن چو نه لاڳاپيل عملدارن خلاف چارج فريم ڪيو وڃي. متاثرن تائين امدادي سامان نه پهچڻ جون شڪايتون اچي رهيون آهن. جنهن بعد عدالت پي ڊي ايم اي کي امدادي سامان ۽ فوت ٿيندڙ ماڻهن ۽ بي گهر ٿيندڙ متاثرين بابت انگ اکرن واريون رپورٽون ڊپٽي ڪمشنرن حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڊي جي پي ڊي ايم اي ۽ لاڳاپيل اختيارين کي پيش ٿي 8 فيبروري تي تفصيلي رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. اهي انگ اکر جيڪي پيش ڪيا ويا آهن اهي به سرڪاري يا پي ڊي ايم اي جا آهن. جڏهن سرڪاري انگ اکرن ۾ هزارين خيما غائب ٿيڻ ۽ فوتين جي وارثن کي امدادي چيڪ نه ملڻ جو انڪشاف ٿيل آهي ته باقي ٻوڏ متاثرن ڪيئن زندگي گهاري رهيا هوندا اهو سوچي هنيانءَ ۾ هٿ پون ٿا ته ڪيئن نه سرڪار ۽ انتظاميا ٻوڏ متاثرن جي زخمن تي پها رکڻ بدران انهن تي لوڻ ٻرڪيو آهي.

اسان سمجهون ٿا ته پي ڊي ايم اي ۽ سرڪار جي سستي ٻوڏ متاثرن جا سور ٻيڻا ڪري رهي آهي جڏهن چار هزار فوتين جي وارثن کي هن ڏکي صورتحال ۾ به سرڪار امدادي رقم ڏئي نه سگهي آهي ته پوءِ اها رقم ڪهڙي وقت انهن جي ڪم ايندي يا جيڪي خيما هن ٿڌ کان بچاءَ لاءِ استعمال ٿيڻا هئا ته اهي ڪيئن غائب ٿي ويا. اهي ۽ ان سميت ٻيا ڪوڙ سوال آهن جن جا جواب پي ڊي ايم اي ۽ سرڪار کي ڏيڻا پوندا ۽ عدالت ۽ عوام کي مطمئن ڪرڻو پوندو.

هڪ روحاني بزرگ درويش جو وڇوڙو

مير ذوالفقار چانڊيو

سنڌ ڌرتي صوفين درويشن بزرگن جي ڌرتي رهي آهي جن هميشه دين اسلام جي خدمت ڪندي سڄي ملڪ اندر حقيقي دين اسلام جو پيغام ڏيندي زندگي گذاريندا رهيا انهن درويشن بزرگن مان سيد غلام حسين شاهه بخاري المعروف قمبر وارو سائين ,, ابا سائين ,, به هڪ وڏي هستي روحاني شخصيت سان گڏ ڪامل ولي بزرگ آهن سندن والد بزرگ سيد گل محمد شاهه بخاري به پنهنجي وقت جا ڪامل ولي بزرگ ڪرامتن وارا بزرگ درويش ٿي گذريا آهن سيد غلام حسين شاهه بخاري جي ولادت با سعادت 1932ع ڌاري ڳوٺ درب چانڊيو تعلقو ميرو خان ان وقت جي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي ننڍپڻ کان سندن پيشاني مبارڪ مان نورانيت ۽ حُسن جي چمڪ هوندي هئي جنهن جي زيارت ڪرڻ ڏسڻ جي لاءِ پري پري کان فقير فقراءَ سفر ڪري ايندا هئا سندن عمر مبارڪ ست سال مس ٿي ته سندس مٿان پيءُ جي شفقت وارو هٿ کڄي ويو پاڻ هميشه جي لاءِ پيءُ جي شفقت پيار محبت کان محروم بڻجي يتيم بڻجي ويا سندن والد بزرگ سيد گل محمد شاهه بخاري هن دنيا تان پردو مٽائي ويا پاڻ حسيني سادات هجڻ ڪري سندن نسب 14 پيڙهين کان پوءِ حضرت امام حسين عليہ السلام سان ملي ٿو پاڻ قرآن پاڪ جي ناظر تعليم پنهنجي والد بزرگ وٽ حاصل ڪئي دنياوي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان 6 ڪلاس پاس ڪري وڌيڪ ديني تعليم جي لاءِ ميرو خان شهر جي مشهور بزرگ حضرت علامه مولانا خوش محمد صاحب وٽ حاصل ڪئي پيءُ جي رحلت کانپوءِ سندن تعليم تربيت ۾ سندن امڙ جو ڪردار اهم هو ان کان علاوه سندن وڏي سؤٽ سيد محسن علي شاهه بخاري سندن زندگي جو وڏو خيال رکندا هئا جيڪو بعد ۾ سندن سهرو بڻجي ويو سندن وڏي سؤٽ ۽ سهري سيد محسن شاهه بخاري جي چوڻ مطابق ته سائين جن جي ننڍپڻ کان وٺي جوانيءَ تائين ڪڏهن به ڪا شڪايت دانه نه ملي نه وري پاڻ ڪڏهن ٻئي ڪنهن ٻار جي ڪا شڪايت ڪيائون پاڻ ننڍپڻ کان ئي صابرين سان گڏ نماڻي طبيعت جا مالڪ هئا جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو الله عزوجل ڪين ننڍپڻ کان هر دل عزيز رحم دل بڻائي ڇڏيو هو پاڻ جڏهن ڦوهه جوانيءَ ۾ پهتا ته سندن جيجل جو سايو مٿان کڄي ويو پاڻ 23 سالن جي عمر ۾ پير مٺا سائين جي هٿ تي بيعت ڪري سندن مريد بڻجي ويو سندن جي مرشد ڪريم سان محبت اُلفت ۽ نيازمندي کي ڏسي سندن مرشدن ڪيس خليفو مقرر ڪين خلافت جي اعزاز سان نوازيو ان ڏهاڙي پير مٺا سائين خوشيءَ وچان ديگ جو نظرانو ڏئي فقيرن مريدن کي ڪارائي خلافت غفاري جو منصب ملڻ کان پوءِ زندگيءَ جي آخري ساهه تائين دين متين جي خدمت ڪندي گذاري هزارين انسان سندن نوراني نظر سان نيڪ ۽ صالح بڻجي سڌي رستي تي هلڻ وارا بڻجي ويا آهن وقت جي حاڪمن وزيرن مشيرن کان وٺي مسڪين ماروئڙن تائين هر ڪو سندن در جو سلامي هوندو هو جنهن ۾ خاص ڪري اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم بينظير ڀٽو سندس فرزند بلاول ڀٽو چانڊيا سردار مگسي سردارن سان گڏ مختلف برادرين جا سردار سندن جي درگاهه تي حاضري ڀريندا رهندا آهن سندن دعائون مستجاب هونديون هيون هٿ کڻي دعا ڪندا هئا ته ماڻهن جي من جا مطلب پورا ٿي ويندا هئا جنهن جي ڪري حڪمرانن کان وٺي وزير مشير برادرين جا سردار دعا ڪرائڻ جي لاءِ سندن در تي پهچندا هئا پاڻ جڏهن به دين اسلام جي تبليغ جي لاءِ سفر تي نڪرندا هئا ته جتان جتان سندن جو گذر ٿيندو هو ته ماڻهو ڪم ڪار ڇڏي رستن چوراهن تي بيهي سندن استقبال ڪندا هئا جتي به سندن ديني پروگرام ٿيندو هو پري پري کان سندن مريد فقير عقيدتمند وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏئي سندن نوراني چهري ۽ مٺڙي گفتار ٻڌڻ ايندا هئا سندن تقرير واعظ پرتاثير هوندي هئي جڏهن محفلن ۾ بيان ڪندا هئا ته مشتاقن جون اکيون سندن نوراني چهري کي ڏسڻ لاءِ ڪُتل هونديون هيون سندن پُرسوز بيان توڙي محبتن جي ڪري هزارين لکين ماڻهو سندن جا ديوانا بڻجي مريد فقير عقيدتمند طالب بڻجندا رهيا سندن مريد ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندا آهن سندن مريدن جو وڏو تعداد بلوچ قومن سان پڻ آهي ڪافي قومن جا سردار پڻ سندن جي محبت ۾ مست بڻيل آهن جيڪي پڻ سندن جي درگاهه عاليه تي حاضري ڀريندا رهندا آهن پاڻ ديني محفلن ۾ وڏي واڪي سان گستاخ رسول صحابہ واهلبيت کي چيلينج ڪندي مختلف طريقن سان مناظرا مباهلا ڪرڻ جو اعلان ڪندا رهندا هئا سندن جي هڪ چيلينج هي به هئي ته ٻاهه جو مچ ٻاري گستاخ رسول صحابہ واهلبيت کي لاهيو ۽ آئون پنهنجي جُتي مبارڪ اڇلائيندس گستاخ سڙي راک ٿي ويندو پر منهنجي جُتيءَ کي ڪجهه نه ٿيندو ان کان علاوه گستاخن کي ڪافي دفعا مختلف طريقن سان چيلينج ڪندا رهندا هئا پر سندن زندگي ۾ ڪير به سامهون اچڻ جي همت نه ڪري سگهيو سندن جي ضعيف عمر هجڻ باوجود سندن چهرو مبارڪ نوراني ڪشادي پيشاني سونهاري سفيد قدآور شخصيت هجڻ جي ڪري گهڻن ئي دلين کي موهي وجهندا هئا پاڻ هميشه سفيد ڪپڙن سان گڏ سفيد دستار جو تاج سجائي رکندا هئا جنهن ۾ ڪڏهن به تبديلي نه ٿي سگهي سندن هلڻ بيمثال ته گفتار پياري محبتن ڀري هوندي هئي پاڻ هميشه پيار محبت شفقت ڏيندڙ وارا بزرگ درويش هئا جيڪي پنهنجي دشمنن کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا سندن مريد هميشه حسيني سڏرائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن سندن حسيني جماعت ۾ ڪثير تعداد ۾ علماءِ ڪرام سان گڏ مقرر شعلہ بيان شاعر نعت خوان حُفاظ ڪرام موجود آهن جيڪي جهر جهنگ ۾ دين اسلام جي تبليغ ڪري رهيا آهن موجوده نفسانفسي واري دؤر ۾ سندن درگاهه عاليه حسين آباد قمبر شريف سنڌ واسين جي لاءِ الله عزوجل جو هڪ عظيم انمول تحفو آهي هزارين گنهگار چور ڌاڙيل بداعمال ماڻهو رهبر سائين قمبر واري سائين سان ملي ڪري سڌري صالح ٻانها بڻجندا رهيا پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان 1973ع ۾ درگاهه عاليه حسين آباد قمبر شريف جو بنياد رکيو سندن درگاهه تي مسجد سان گڏ مدرسي ۾ قرآن پاڪ حفظ ناظر سان گڏ عالم باعمل بڻجڻ جي تعليم ڏني ويندي آهي جتي پڻ وڏي تعداد ۾ ٻارڙا دين اسلام جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن سندن جي درگاهه تي مريدن لاءِ مسافر خانا لنگر خانا قائم ٿيل آهن جتي آيل جو آدر ڀاءُ ڪري ڪين سٺي خدمت ڪري رهائش ڏني ويندي آهي سندن درگاهه تي هر سال 15 شعبان جي رات ۽ ڏهين محرم الحرام جي ڏينهن ۽ ربيع الاول جي آخري جمع مبارڪ جي ڏينهن عظيم الشان ديني پروگرام ٿيندا آهن جتي پڻ سڄي ملڪ مان زائرين اچي فيض حاصل ڪندا آهن خاص ڪري هر جمع مبارڪ جي ڏهاڙي تي سندن درگاهه تي عاشقن پتنگن جو ميلو متل هوندو آهي پاڻ موجوده وقت جا وڏا بزرگ درويش ڪامل ولي هجڻ سان گڏ نهايت نيڪ پرهيزگار متقي انسان هئا پاڻ راتين جي جاڳڻ الله جي عبادت خلق جي خدمت ڪرڻ کي سڀ ڪجهه سمجهندا هئا

سندن جي ضعيف عمر ۽ بيماريءَ جي باوجود پاڻ دين اسلام جي تبليغ ڪندا رهندا هئا ڊاڪٽرن جي روڪڻ باوجود پاڻ هر دم مريدن عقيدتمندن سان گڏ هجڻ کي سڀ ڪجهه سمجهندا هئا پاڻ ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ زير علاج هجڻ ڪري گذريل ڏهاڙي خالق حقيقي سان وڃي مليو اهڙي خبر ٻاهه جيان سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي ته سندن مريدن عقيدتمندن ۾ ڏک افسوس واري ڪيفيت ٿي وئي سندن جي نماز جنازه سندن جي فرزند عالي سيد عطاءُ الله شاهه بخاري پڙهائي جنهن کان پوءِ سندن جي آخري آرامگاهه سندن جي درگاهه عاليه حسين آباد شريف ۾ ڪئي وئي آهي سائين جن جي وڇوڙي تي ملڪ جي نامور سياستدانن آصف علي زرداري بلاول ڀٽو وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ڏني ڪافي سماجي ڪاروباري ماڻهن ڏک افسوس جو اظهار ڪيو آهي

*****

وَڏي جَـنِ وِڏيـاسِ، وَرِي وِيـجَ ٿِـي سـي ٽِـيـا:
تُـرتُ ٻَـڌائُـون پَـٽِـيُـون، روزِ ڪـيـائُـون راسِ:
هِينئڙا! تنيـن پـاسِ، گهـارِ تہ گهـايَـلُ نـه ٿِـئين.

وڌندڙ آبادي ۽ بيمارين جو چار

ظفر مرزا

آبادي جي لحاظ کان پاڪستان هن وقت دنيا جو پنجون نمبر وڏو ملڪ آهي ۽ خطرناڪ بيمارين جي حوالي سان پاڪستان هڪ چار ۾ ڦاٿل آهي. ملڪ ۾ انساني صحت لاءِ خطرا تمام گهڻا آهن ۽ اهي جيئن پوءِ تيئن اڀار تي آهن. انهن عنصرن جو گڏيل اثر تمام ڏکوئيندڙ آهي. مايوسي واري اهڙي ماحول ۾ جيڪي زميني حقيقتون آهن انهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ۽ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيدگي جي ضرورت آهي. صحت جي حوالي سان جيڪي انگ اکر آهن اهي اسان کي ڪهڙي به طرح دنيا ۾ سرخرو ڪرڻ جو سبب نٿا بڻجي سگهن. 1947ع ۾ جڏهن اسان کي هڪ آزاد ملڪ ۾ رهڻ جو موقعو مليو ته اسان جي آبادي لڳ ڀڳ 36 ملين هئي جيڪا تيزي سان وڌندي هاڻي وڏي 220 ملين تائين پهچي آهي. جنهن تيزي سان اسان جي آبادي وڌي رهي آهي ۽ حڪومت جون سڀ تدبيرون ناڪام ثابت ٿي رهيون آهن. انهي کي مدنظر رکندي وڏو امڪان آهي ته سال 2050ع تائين يعني ايندڙ 27 سالن ۾ ملڪ جي ڪل آبادي 350 ملين تائين پهچي وڃي. دنيا جي پنجين وڏي آبادي هجڻ سان گڏ، اسان ايشيا ۾ به چوٿين نمبر تي آهيون. اسان جي صحت جي بدترين صورتحال جو اندازو انهي ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته اسان جو ملڪ دنيا ۾ تازن ڄاول ٻارن جي موت جي شرح (NMR) جي حوالي سان ٻئي نمبر تي آهي. يعني هر 1,000 جيئرن ڄمندڙ ٻارن مان 40 نوان ڄاول ٻار 28 ڏينهن اندر مري وڃن ٿا. صرف ليسوٿو اهڙو ملڪ آهي جيڪو اسان کان اڳتي آهي جنهن جي NMR 44 آهي ۽ اسان ڏکڻ سوڊان سان گڏ آهيون جنهن جو NMR 40 آهي. فنلينڊ جو NMR 1 آهي ۽ ايران جو 8 آهي. پاڪستان ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جا 37.6 سيڪڙو ٻار غير صحتمند آهن. عالمي سطح تي، اسان ان حوالي سان ٽيرهين نمبر تي آهيون. اسان کان هيٺ صرف آفريڪا کنڊ جا غريب ترين ملڪ آهن. غذائي کوٽ جي ڪري جسماني ۽ ذهني ڪمزوري ٿيندي آهي ۽ جيڪڏهن زندگيءَ جي پهرين هزار ڏينهن يعني ٽن سالن جي عمر ۾ علاج ۽ غذا نه ملي ته اهو ناقابل واپسي ٿي ويندو آهي. ايران ۾ اسٽنٽنگ جو سيڪڙو صرف 4.8 آهي 2018ع ۾ 15-49 سالن جي عورتن جو 42 سيڪڙو، يعني پيدائش واري عمر جي عورتن ۾ آئرن ۽ خون جي گهٽتائي هئي، جنهن ڪري انهن مائرن کي پيدا ٿيندڙ گهٽ وزن وارن ٻارن ۾ هڪ وڏو سبب آهي ۽ اهڙي صورتحال ۾ ٻار ڄڻڻ کان پوءِ زچگي جي موت جو خطرو پڻ وڌي ويندو آهي. اهڙن گهٽ وزن وارن ٻارن جي بعد ۾ واڌ رڪجي وڃي ٿي. عورتن ۾ آئرن رت جي گهٽتائي کي مڪمل طور تي علاج جي ذريعي روڪي سگهجي ٿو. دنيا ۾ صرف ٻه ملڪ افغانستان ۽ پاڪستان آهن جيڪي پوليو وائرس کي مڪمل روڪڻ ۾ ناڪام ويا آهن. اها بيماري اسان جي ٻارن کي اپاهج بڻائي انهن جو مستقبل تباهه ڪري رهي آهي. اربين ڊالر خرچ ٿيڻ جي باوجود پاڪستان ۽ افغانستان دنيا کي پوليو کان پاڪ ٿيڻ کان روڪي رهيا آهن. ايران جيڪو ٻنهي جو پاڙيسري ملڪ آهي تنهن 2004ع ۾ پوليو جو خاتمو ڪيو جڏهن ته هندستان 2014ع ۾ ڪيو. هڪ اندازي مطابق پاڪستان ۾ 10 ملين ماڻهو هيپاٽائيٽس سي کان متاثر آهن. پاڪستان هاڻي هن وائرس کان متاثر ماڻهن جي سڀ کان وڏي آبادي جو گهر آهي. مطلب پاڪستان چين، هندستان ۽ نائيجيريا کان به اڳيان نڪري چڪو آهي. هي روڪي سگهجندڙ بيماري آهي ۽ هڪ ڀيرو تشخيص ٿيڻ بعد، ان جي علاج لاءِ سستيون دوائون ميسر آهن جيڪي 98 سيڪڙو تائين موثر آهن. هيپاٽائيٽس سي ۽ رت مان پيدا ٿيندڙ ٻين بيمارين جو هڪ ڪارڻ ڊسپوزيبل سرنج جو ٻيهر استعمال آهي. پاڪستان ۾ انجيڪشن جي استعمال جا انگ اکر حيران ڪندڙ آهن: دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ انجيڪشن پاڪستان ۾ ڏنيون وڃن ٿيون. يعني هر سال 8-10 انجيڪشن في ماڻهو کي لڳن ٿيون انهن مان 94 سيڪڙو جي ضرورت ئي نه هوندي آهي. انجيڪشن جي وڌيڪ استعمال ۾ اسان وٽ مريض جي نفسيات، عطائين جي ڀرمار ۽ پئسي جي پوڄاري ڊاڪٽرن جي غير اخلاقي ۽ غير انساني روين جو دخل آهي. پاڪستان ۾ سلهه جي مريضن جو به وڏو تعداد آهي. هر سال ٽي بي جا 510,000 نوان ڪيس سامهون اچن ٿا ۽ لڳ ڀڳ 15,000 مريض دوا خلاف مزاحمتي ٽي بي جو سبب بڻجن ٿا. هڪ اندازي مطابق اسان عالمي سطح تي ڪافي دوائن جي مزاحمتي ٽي بي جي معاملي ۾ چوٿين نمبر تي آهيون. هن وقت پاڪستان ۾ هڪ اندازي مطابق 190,000 ماڻهو ايڇ آءِ وي سان زندگي گذاري رهيا آهن. فلپائن کان پوءِ اسان وٽ ايشيا ۾ ايڇ آءِ وي جي ڪيسن ۾ سڀ کان وڌيڪ واڌ جي شرح آهي. يعني 2010ع ۽ 2020ع جي وچ ۾ 80 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. لڳ ڀڳ 25,000 نوان ڪيس هر سال ظاهر ٿي رهيا آهن. اهڙا مثال پاڪستان جي ماڻهن جي ابتر صحت جي عڪاسي ڪن ٿا. اهي سموريون بيماريون شروعاتي سطح تي روڪي سگهجن ٿيون پر جيڪڏهن هڪ دفعو اهي بيماريون پنهنجي جڙ پڪڙي وٺن ته پوءِ نه ته اهي روڪي سگهجن ٿيون ۽ نه ئي انهن جو صحيح علاج ٿي سگهي ٿو نه صرف ايترو پر صحت لاءِ خطرا هر طرف کان وڌي رهيا آهن. مناسب غذائيت جي کوٽ، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ صاف هوا جي عدم دستيابي وارا عنصر اسان لاءِ مستقبل ۾ اڃان به سنگين مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا. صحت جي ماحولياتي آلودگي جو تعين ڪندڙن ادارن جي رپورٽ موجب پاڪستان دنيا جو چوٿون آلودگي وارو ملڪ بڻجي ويو آهي. ۽ لاهور کي هاڻي ڌرتيءَ تي سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارو شهر هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. پاڪستان ۾ تماڪ جي استعمال جو رجحان تمام گهڻو آهي. انهي حوالي سان اسان جو شمار دنيا جي 15 ملڪن ۾ ٿئي ٿو جن ۾ تماڪ جي وڏي پئماني تي استعمال ۽ ان سان لاڳاپيل صحت جي مسئلن جو تعلق آهي. 2019ع جي هڪ سروي مطابق آبادي جو 19.1 سيڪڙو يعني لڳ ڀڳ 42 لک بالغ، جن ۾ 31.8 سيڪڙو مرد ۽ 5.8 سيڪڙو عورتون شامل آهن. ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ تماڪ جو استعمال ڪن ٿا. پاڪستان ۾ موجوده سراسري زندگي جي شرح 67.7 سال آهي. 149 ملڪن ۾ سراسري زندگي جي شرح اسان کان وڌيڪ آهي. جن ۾ ڪيترائي غريب آفريڪي ملڪ به شامل آهن.

بقايا *** 01

رهي آهي، نيت ۽ محنت جي ضرورت آهي. پاڪستان ترقي ڪندو، ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ته حالتون بهتر ڪيون. ڪوشش ڪنداسين ته چونڊن کان اڳ بهتري آڻيون. توهان وٽ تاريخ موجود آهي ته معيشت جي بهتري لاءِ ڪنهن ڪم ڪيو سندس چوڻ هو ته الله همت ڏيندو، منهنجو ايمان آهي ته پاڪستان ترقي ڪندو الله پاڪستان کي قائم ڪيو ۽ هي اڪيلو ملڪ آهي. جيڪو ڪلمي جي نالي تي ٺهيو سعودي عرب به ڪلمي جي نالي تي نه ٺهيو پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي الله جي ذمي آهي.

بقايا *** 02

بحال ڪري ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عاصم حفيظ احمد اويس جي بحالي واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي عدالت نگران حڪومت جو ايڊووڪيٽ جنرل کي عهدي تان هٽائڻ وارو نوٽيفڪيشن معطل ڪندي ڪيس بحال ڪري ڇڏيو عدالت پنجاب حڪومت کي 30 جنوري صبح 10 وڳي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 03

شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڊو رپورٽ پيش ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 130 واقعا رپورٽ ٿيا جن ۾ 54 موبائل فون/نقدي ڇنڻ، 2 ڪارون ۽ 7 موٽرسائيڪلون ڇنيون ويون جڏهن ته 67 موٽرسائيڪلون چوري ڪيون ويون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مزاحمت ڪرڻ تي ضلع مليرجي بن قاسم ٿاڻي جي حد جو رهواسي صادق ولد ابراهيم نالي هڪ شهري کي چورن زخمي ڪيو سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گذريل 24 ڪلاڪن ۾ پوليس 7 مقابلا ڪيا جن ۾ هڪ ڏوهاري مارجي ويو ۽ 11 اسٽريٽ ڪرمنلز/ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 6 اسٽريٽ ڪرمنلز کي واقعي واري هنڌان پڪڙيو ويو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٽوٽل 130 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ 39 اسٽريٽ ڪرمنل/ ڦورو، 13 ڪار لفٽرز، 29 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 25 منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ 24 ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس مختلف ڇاپن/آپريشن دوران 29 غير قانوني هٿيار، 7 ڪلو چرس، 15 چوري ٿيل موبائيل ۽ 32 چوري ٿيل گاڏيون هٿ ڪيون جن ۾ ٻه ڪارون ۽ 30 موٽرسائيڪلون شامل آهن.

بقايا *** 04

وگهري رهي آهي، ايم ايل ون منصوبي کي مڪمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي، ڏينهن رات محنت ڪري دنيا ۾ پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪنداسين. دنيا ۾ حڪومتون گورننس جي ذميوار آهن اهي ادارا ناهن هلائينديون. اسان پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي نظر ۾ رکي پنهنجي ترجيحن جو تعين ڪيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف گرين لائين ٽرين سروس جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ريلوي واري وفاقي وزير خواجه سعد رفيق، ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، منصوبابندي واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال پڻ خطاب ڪيو. وزيراعظم تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته گرين لائين جنهن جو بنياد نواز شريف جي گذريل دور ۾ رکيو ويو هو ۽ بدقسمتي سان بيشمار ٻين منصوبن وانگر اهو منصوبو به بعد جي حڪومت ۾ دم ٽوڙي ويو. اسان ان سروس کي نئين سر جاري ڪرڻ تي اسان الله تعاليٰ جا شڪر ادا ڪريون ٿا ۽ ريلوي واري وزير ۽ چيني ڪمپنين کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. وزيراعظم چيو ته هينئر ويگنز جو معائنو ڪيو آهي جديد سهولتن سان ليس آهن. ريلوي وارو وزير آئوٽ سورسنگ تي يقين رکي ٿو ۽ موجوده دور ۾ ترقي جي سيڙهي اهائي آهي. ان سان ريلوي ۾ بهتري ايندي ۽ پاڪستان ريلوي کي فائدو ٿيندو. هن چيو ته حڪومتن جو ڪم ادارا هلائڻ نه آهي پر گورننس هوندو آهي. هن چيو ته حڪومتون اينديون وينديون رهنديون آهن پاڪستان اڄ ان ٻه واٽي تي بيٺو آهي، جتي هڪ هڪ پئسو بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي صورتحال ڏسي اسان ترجيحون مقرر ڪيون آهن. جنهن ۾ خوراڪ ۽ دوائن جي درآمد کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي، پوري اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان هن مهيني معاهدو ٿي ويندو ۽ انهن مشڪلاتن مان نڪري وينداسين. هن چيو ته هي مشڪل وقت آهي، پاڪستان دنيا ۾ ماحولياتي آلودگي ۾ رڳو هڪ سيڪڙو حصو هجڻ جي باوجود ان جو شڪار ٿيو ۽ بدترين ٻوڏ آئي. اتحادي حڪومت ڏينهن رات ملڪ کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. خواجه سعد رفيق ميرٽ جي بالادستي تي يقين رکي ٿو ريلوي کي ٻين ادارن وانگر مشڪلاتون درپيش آهن. قومن جي زندگي ۾ مشڪلاتون اينديون رهنديون آهن. انهن کي منهن ڏئي اڳتي وڌندڙ قومون ئي ترقي ڪنديون آهن. اهو ئي هن حڪومت جو ويزن آهي ۽ ان تي پوري طرح عمل پيرا آهيون. هن چيو ته ايم ايل ون اسان جي ترجيحي ايجنڊا ۾ شامل آهي. چين جي حڪومت ان منصوبي کي تيزي سان اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. گذريل حڪومت ۾ ادارن تي بي بنياد الزام بازي ۽ چيني ڪمپنين تي ڪرپشن جا الزام هڻڻ سان چيني عملدارن کي تڪليف ۽ اذيت پهتي. تازي چين جي دوري تي چين اسان جو ڀرپور ۽ گرمجوشي سان استقبال ڪيو چيني اڳواڻ ۽ عوام پاڪستان سان والهاڻي محبت ڪن ٿا. گذريل ڇهن سالن ۾ لاڳاپن کي جيڪو نقصان پهتو ان کي واپس آڻڻ سولو ڪم نه آهي، جيتوڻيڪ برف وگهري رهي آهي. چيني حڪومت ۽ عوام جا ٿورائتا آهيون ته اهي پاڪستاني عوام جي لاءِ بي پناهه محبت جا جذبا رکن ٿا، اسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لاءِ ان روش کي تبديل ڪرڻو پوندو. محبت کي پنهنجو شعار بڻائڻو پوندو. اسان ڪيستائين ٻين جي سهاري تي رهنداسين. هي سفر مشڪل ضرور آهي پر اسان ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ کي اڳتي وڌائينداسين ۽ ملڪ پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪندو.

بقايا *** 05

چوري ڪيون ويون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مزاحمت ڪرڻ تي ضلع مليرجي بن قاسم ٿاڻي جي حد جو رهواسي صادق ولد ابراهيم نالي هڪ شهري کي چورن زخمي ڪيو سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گذريل 24 ڪلاڪن ۾ پوليس 7 مقابلا ڪيا جن ۾ هڪ ڏوهاري مارجي ويو ۽ 11 اسٽريٽ ڪرمنلز/ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 6 اسٽريٽ ڪرمنلز کي واقعي واري هنڌان پڪڙيو ويو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٽوٽل 130 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ 39 اسٽريٽ ڪرمنل/ ڦورو، 13 ڪار لفٽرز، 29 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 25 منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ 24 ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس مختلف ڇاپن/آپريشن دوران 29 غير قانوني هٿيار، 7 ڪلوچرس، 15 چوري ٿيل موبائيل ۽ 32 چوري ٿيل گاڏيون هٿ ڪيون جن ۾ ٻه ڪارون ۽ 30 موٽرسائيڪلون شامل آهن.

بقايا *** 06

آهي ۽ انٽر بئنڪ مارڪيٽ جي اختتام تي آمريڪي ڊالر 24 رپيا 54 پئسا اضافي سان 255 رپيا 43 پئسا تي بند ٿي ويو جمعي جي ڏينهن انٽر بئنڪ ڪاروبار جي شروعات تي ڊالر جي قيمت ۾ هڪ رپيو 57 پئسا واڌ ٿي جنهن سان ڊالر 257 رپيا 50 پئسا تي ويو ڪاروبار دوران ڊالر جي قيمت ۾ وڌيڪ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي ۽ هڪ آمريڪي ڊالر 6 رپيا 67 پئسا مهانگو ٿي 262 رپيا 50 پئسا ٿي ويو آهي. گذريل 2 ڏينهن ۾ انٽربئنڪ ڊالر 31 رپين کان وڌيڪ مهانگو ٿي ويو آهي ۽ پاڪستان جي قرضن ۾ 3950 ارب رپين کان وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 8 رپيا مهانگو ٿيڻ سان 265 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 07

عمران خان چيو مون کي قتل جي سازش جي خبر پئي ته مان وڊيو ناهي موڪلرائي، وڊيو ۾ ٻڌايو ته اهي چار ماڻهو آهن جيڪي سازش ۾ شريڪ آهن. وڊيو بابت جلسي ۾ ٻڌايو تنهن ڪري اهي پوئتي هٽي ويا. هن چيو ته پلان بي ۾ توهين مذهب جو الزام هڻي مون تي حملو ڪرڻو هو. منهنجي خلاف مڪمل سازش هئي. توهين مذهب جي مهم هلائي وئي، اهي پنهنجي پلان ۾ تقريبن ڪامياب ٿي ويا هئا پر زندگي ۽ موت ڏيڻ وارو الله آهي. اڳوڻي وزيراعظم الزام هنيو ته هاڻ انهن پلان سي ناهيو آهي ۽ ان جي پويان آصف زرداري آهي. آصف زرداري وٽ ڪرپشن جو وڏو پئسو آهي، سنڌ حڪومت جو لٽيل پئسو هو چونڊن تي لڳائيندو آهي ۽ ايم پي اي خريد ڪندو آهي. آصف زرداري هڪ دهشتگرد تنظيم کي پئسو ڏنو آهي. قوم کي ٻڌائي رهيو آهيان ته مان جيڪي تالا ڏٺا آهن. آصف زرداري ڪانسواءِ اهي تالا به اڃا آهن. مون کي ڪجهه به ٿيو ته سڄي قوم کي خبر هجڻ گهرجي اهو ڪنهن ڪرايو. انهن جي ڪوشش مون کي رستي تان هٽائڻ آهي. تحريڪ انصاف کي هارائڻ آهي. سندس چوڻ هو ته رجيم چينج آپريشن ڪندڙ غلطي کي درست ڪرڻ بدران ويتر ملڪ کي ڦاسائيندا پيا وڃن. غلطي درست ڪرڻ جو طريقو رڳو نيون چونڊون هيو پر تحريڪ انصاف جي ڪاميابي جي خوف کان چونڊون نه ڪرايون ويون. عوام انهن کي ڪڏهن به ووٽ نه ڏئي. جن جو پئسو ۽ ملڪيتون ٻاهر آهن.

بقايا *** 08

ميمبرن ٻڌايو ته سائنس رابطا ڪيا پيا وڃن ۽ پيغام ڏنو پيو وڃي ته انهن جو مستقبل پي ٽي آءِ سان ناهي. سندس چوڻ هو ته نگران حڪومت ٺهندي ئي جيئن انتقامي ڪارروائي شروع ٿي، ان جي پويان ڪنهن مضبوط طاقت جي حوصلا افزائي موجود آهي.

بقايا *** 09

ڪئي جنهن ۾ پاڪستان سپر ليگ (PSL) ايونٽ ڪرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سنڌ جي وڏي وزير نجم سيٺي کي پي ايس ايل ميلو ڪرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريندي چيو ته پي سي بي جو ايونٽ اسان جو پنهنجو ايونٽ آهي ۽ سنڌ جي وڏي وزير انٽرنيشنل ۽ مقامي ڪرڪيٽ جي ترقي لاءِ نجم سيٺي جي خدمتن کي ساراهيو نجم سيٺي سنڌ جي وڏي وزير کي ڪرڪيٽ ڪلبن جي بحالي لاءِ ڪيل ڪوشش کان آگاهه ڪندي چيو ته پي ايس ايل جون ميچون 14 کان 26 فيبروري تائين ٿينديون.

بقايا *** 10

ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن اين اي 4، اين اي 17، اين اي 18، اين اي 25، اين اي 26، اين اي 32، اين اي 38، اين اي 43، اين اي 52، اين اي 53، اين اي 54، اين اي 57، اين اي 59، اين اي 60، اين اي 62 جا تڪ چونڊيا آهن اين اي 63، اين اي 67، اين اي 97، اين اي 126، اين اي 130، اين اي 155، اين اي 156، اين اي 191، اين اي 241، اين اي 242، اين اي 243، اين اي 244، اين اي 247 تي ننڍي چونڊ جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي. اين اي 250، اين اي 252، اين اي 254، اين اي 256 ۽ اين اي 265 تي ننڍي چونڊ جو شيڊول جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 11

آهي ته سيڪيورٽي اهلڪار بني گالا ۾ عمران خان جي رهائشگاهه تي شفٽن ۾ ڊيوٽي ڪندا هئا.

بقايا *** 12

6 ڊالرن جي گهٽتائي سان 1936 ڊالر في اونس ٿي ويو آهي.

بقايا *** 13

فواد چوڌري کي بي ڪلاس ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو فيصلو ناهي ڪيو ويو ٻئي طرف اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اليڪشن ڪميشن خلاف نفرت پکيڙڻ واري ڪيس ۾ فواد چوڌري کي جوڊيشل ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جوڊيشل مئجسٽريٽ وقاص احمد راجا 2 صفحن تي مشتمل لکت وارو فيصلو جاري ڪيو. جنهن ۾ چيو ويو آهي ته پوليس فواد چوڌري جي 7 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي درخواست ڪئي. لاهور مان فواد چوڌري جي جسماني ريمانڊ تي پوليس موقف اختيار ڪيو ته فوٽوگرافي جي جاچ نه ٿي سگهي. وقت جي کوٽ جي ڪري ڪيو ويو فيصلي جي متن ۾ چيو ويو آهي ته پوليس موجب فواد چوڌري کي فوٽوگرافي جي ٽيسٽ لاءِ لاهور آندو وڃي، سندس موبائل فون ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو وڃي. هن چيو ته منهنجو موبائل فون اسلام آباد رڪ آهي. پوليس فيصلي ۾ چيو ويو ته پوليس جي وڌيڪ ريمانڊ جي درخواست ميرٽ تي ٻڌل ناهي. فواد چوڌري کي 10 فيبروري تي ٻيهر پيش ڪيو وڃي.

بقايا *** 14

ٻارڙن سميت 20 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن. سنڌ حڪومت جي مجرماڻي خاموشي تي پنهنجو سخت ردعمل ظاهر ڪندي هن چيو ته اهڙن وڏن واقعن تي ظالمن جي خاموشي سمجهه کان مٿاهون آهي. ايترن موتن تي طوفان کڙو ٿيڻ گهرجي هان. هر موت جي سوداگرن ڏوهاري خاموشي اختيار ڪئي آهي اقتدار تي ويٺل اهو جاڳي وٺن ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن عوام جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي وڃي، چور حڪمرانن کي ڀڄڻ جو موقعو نه ملي. سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته معصوم جانين جي ضياع ٿيڻ تي حڪومت ۽ ادارن جي سربراهن تي ڪيس داخل ٿيڻ گهرجي وارث بي يار مددگار آهن. پر سرڪار صرف نوٽيس وٺي جان ڇڏائي پئي. هن چيو جڏهن رهائشي علائقن ۾ غير قانوني طور زهريلي ڪيميڪل جون فيڪٽريون قائم ٿي رهيون هيون ته ان وقت صوبائي کاتا ڪاڏي ويا هئا. هن چيو ته عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿي ته هن وقت راشي حڪمرانن پنهنجا کيسا گرم ڪرڻ لاءِ ڏوهارين وانگر خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو 20 معصوم جانيون ضايع ٿي ويون. سردار عبدالرحيم چيو ته ماضي ۾ به زهريلي ڪيميڪل گيس جي خارج ٿيڻ سان ڪيترائي ماڻهون موت جي منهن ۾ هليا ويا پر حڪومت ان وقت هوش کان ڪم نه ورتو ۽ سبق نه سکيا ۽ هاڻوڪي سانحي تي به حڪمرانن کان ڪنهن اڳڀرائي جي توقع نٿي رکي سگهجي. صنعتي علائقن ۾ قائم فيڪٽرين مان زهريلو مادو گٽرن ۽ سيوريج لائينن ۾ وهايو ٿو وڃي. پر حڪمران ۽ ادارن جا سربراهه رشوت عيوض خاموش اختيار ڪيون ويٺا آهن. عوام جي جانين سان کيڏڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. صوبائي ادارا پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪن نه ته قدرت جي انتقام لاءِ تيار رهن. هن مطالبو ڪيو ته فوتين جي وارثن جي مالي امداد جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا *** 15

۾ انتقامي ڪيسن ۽ گرفتارين جي مذمت ڪندي چيو ته نگران حڪومت چونڊون ٿيڻ کانپوءِ غير آئيني ۽ غير قانوني ڪمن کان پاسو ڪري. هن چيو ته نواز شريف جو مقصد مخالفن خلاف بغاوت ۽ دهشتگردي جا ڪيس ناهڻ رهيو آهي. پنجاب حڪومت شفاف چونڊن لاءِ آئيني ڪردار تائين پاڻ کي محدود ڪري. پرويز الاهي چيو ته نگران حڪومت 22 مهينن ۾ سنو نالو ڪمايو، نگران حڪومت جي ڪرتوتن مان عوام خوش ناهي. ڪين شرمندگيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو. ماڻهن کي هراسان ڪرڻ يا ڪيس ناهڻ جهڙا عمل آهن جيڪڏهن تحريڪ انصاف جي چونڊيل حڪومت آئي ته ڪين ڀڄڻ جو موقعو نه ملندو.

بقايا *** 16

تهران ۾ سفارتخاني ۾ ڪلاشنڪوف کنيل شخص گهڙي آيو ۽ عملي تي فائرنگ ڪري ڏنائين. جنهن جي نتيجي ۾ آذري سفارتخاني جو سيڪيورٽي چيف مارجي ويو ۽ ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا. رپورٽن موجب حملي آور کي سفارتخاني ۾ موجود ماڻهن پڪڙي ورتو جنهن کي پوءِ ايراني پوليس حوالي ڪيو ويو. ان حوالي سان تهران پوليس چيف حسين رحيمي دعويٰ ڪئي آهي ته جوابدار ٻن ننڍن ٻارن سان گڏ سفارتخاني ۾ داخل ٿيو. ڪارڻ امڪاني طور تي ذاتي مسئلو ٿي سگهي ٿو. هوڏانهن آذربائيجان تهران ۾ سفارتي عملي کي واپس گهرائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ واقعي کي دهشتگردي قرار ڏيندي جاچ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا *** 17

ڳالهائيندي راڻا ثناءُ الله چيو ته فواد چوڌري خلاف داخل ايف آءِ آر بلڪل درست آهي. جيڪي ماڻهو فواد چوڌري جي گرفتاري کي حڪومتي انتقام سمجهن ٿا اهي هڪ ڀيرو وڃي ايف آءِ آر ڏسن ته خبر پئجي ويندي ته ڪيس ڇا آهي. اليڪشن ڪميشن کان هو هن چيو ته هو سپائي پاڪستان واپس وڃي رهيو آهي. اڄ نواز شريف سان ملاقات ٿي آهي، مريم نواز نواز شريف کان هدايتون وٺي ٻهرين فيبروري کان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جو دورو ڪندي. فواد چوڌري اليڪشن ڪميشن خلاف ڳالهايو. جنهن تي اليڪشن ڪميشن ايڪشن ورتو. هن چيو ته هو هن وقت عمران نيازي جي گرفتاري جي حق ۾ ناهي پر عمران نيازي جنهن قسم جي ڳالهه ڪري رهيو آهي مون کي لڳي ٿو ته ڪيس گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا *** 18

ٿيو آهي. ٽماٽي جي قيمت ۾ 2 رپيا 18 پئسا في ڪلو واڌ ٿي وئي آهي. 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 33 رپيا، دال ماش 3 رپيا ۽ مونگ جي دال 4 رپيا في ڪلو وڌي وئي آهي.

بقايا *** 19

وئي. ڊائريڪٽر هيلٿ عبدالحميد جماڻي جي اڳوائيءَ ۾ ٻڌل ٽيم بيمار ٿيل ٻارڙن ۽ ڳوٺاڻن جون چڪاسون ڪيون. صحت کاتي جي ٽيم ٻارن ڳوٺاڻن کي مفت دوائون به ڏنيون ويون ڊائريڪٽر هيلٿ عبدالحميد جماڻي ۽ ٻين چيو آهي ته ڳوٺاڻن کي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي، ان جو سبب علائقي ۾ موجود فيڪٽريز ٿي سگهن ٿيون. ڳوٺاڻن جي موت جو ڪارڻ اڃا معلوم نه ٿي سگهيو آهي ظاهري طور لڳي ٿو ته موت جو ڪارڻ ڪيميڪل ٿي سگهن ٿا. هن علائقي ۾ 17 ڄڻن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ٿي وئي آهي. ٻارڙن جو موت ارڙي يا ٻين بيمارين وگهي نه ٿيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون ڪياماڙي جي ڳوٺ علي محمد ۾ 18 ڄڻا فوت ٿيڻ کانپوءِ سنڌ انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسي به جاڳي پئي. ڳوٺ ۾ غيرقانوني طور هلندڙ فيڪٽريز جا 3 يونٽ سيل ڪري ڇڏيا، وڌيڪ 13 يونٽس کي نوٽيسز جاري ڪيا ويا سيپا ڪراچي جي انچارج منير احمد عباسي چيو آهي ته علائقي ۾ پلاسٽڪ سميت مختلف شيون ٺاهيندڙ فيڪٽريز جا 16 يونٽ غيرقانوني طور هلي رهيا هئا. 3 يونٽس سيل ڪيا ويا آهن. ٻين يونٽس به ڪم بند ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جي فوتگين بعد علائقي مان ماحوليات جا سيمپلز ورتا ويا آهن. غير قانوني طور يونٽس هلائيندڙ فيڪٽريز خلاف ڀرپور ڪارروائي ٿيندي

بقايا *** 20

ڪيو آهي اليڪشن ڪميشن موجب قومي اسيمبلي جي 33 خالي سيٽن تي 16 مارچ تي چونڊ ٿيندي واضح رهي ته پي ٽي آءِ ميمبرز جي استعيفائن سبب قومي اسيمبلي جون 33 سيٽون خالي ٿيون هيون

بقايا *** 21

کان مسلسل ٻري رهيون آهن ۽ انهن کي بند ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. ڏينهن هجي يا رات، اهي لائيٽون مسلسل روشن رهن ٿيون ۽ ان جو سبب ڪمپيوٽر سرور جي هڪ خامي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اسڪول انتظاميا لائيٽ سسٽم کي بند ڪرڻ جي قابل ناهي رهي پر فيبروري 2023 ۾ هزارين ڊالر خرچ ڪرڻ کانپوءِ امڪاني طور اهو مسئلو حل ٿي ويندو. اسڪول جي اختيارين جو چوڻ آهي ته هر مهيني ان مسئلي سبب هزارين ڊالر خرچ ٿي رهيا آهن. اسان مسئلو حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر ڀيري ناڪام ٿياسين دلچسپ ڳالهه اها آهي ته خرچ بچائڻ لاءِ اسڪول ۾ گرين لائيٽ سسٽم لڳايو ويو هو اهو سسٽم هڪ اهڙي سافٽ ويئر تي هلندو آهي. جنهن کي هڪ ڪمپيوٽر ۾ انسٽال ڪيو ويو ته جيئن عمارت جي لائيٽن جي روشني کي ڏينهن يا رات موجب گهٽ وڌ ڪري سگهجي، ان پروگرام جو مقصد ته توانائي ۽ پئسي جي بچت هو پر آگسٽ 2021 کان اهي لائيٽون هڪ ئي پاور تي مسلسل ٻري رهيون آهن. ان سسٽم لاءِ نئون سافٽ ويئر فيبروري ۾ اسڪول کي ملڻ جو امڪان آهي. جنهن کانپوءِ ڪمپيوٽر سرور کي به تبديل ڪيو ويندو. ان سڄي عمل تي 75 کان 80 هزار ڊالر خرچ ايندو.

بقايا *** 22

ويو آهي. ضلعي انتظاميا موجب صحت کاتي جي ٽيم جاچ ڪئي، ٽيم زهريلي گئس سان فوتگين جي تصديق ڪئي آهي. انتظاميا جو چوڻ آهي ته لاڏاڻو ڪري ويندڙ ٻار سيني ۾ تڪليف، بخار ۽ ڳلي ۾ تڪليف جو شڪار رهيا. علائقائي پوليس کي ڪيترائي ڀيرا شڪايت ڪئي وئي پر ڪا ڪارروائي نه ڪئي وئي. ضلعي انتظاميا موجب رهائشي علائقن ۾ فيڪٽريون ٺاهڻ تي مڪمل پابندي آهي. هوڏانهن ايس ايس پي ڪياماڙي کي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني وئي آهي.

بقايا *** 23

پوليس صرف ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله جي هدايت تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان کان ذاتي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي. هن وڌيڪ لکيو ته سيڪيورٽي خطرن ۽ 3 نومبر تي قاتلاڻي حملي جي خبر هجڻ باوجود عمران خان کان قانوني طور تي ورتي وئي سيڪيورٽي واپس ورتي وئي. الله پاڪ توهان کي سلامت رکي، ٻئي طرف اڳوڻي وفاقي وزير مراد سعيد به پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته عمران خان جي سيڪيورٽي هٽائي توهان ڪهڙو پيغام موڪلڻ چاهيو ٿا، زرداري ۽ ٻيا ماڻهو پئسا ڏئي عمران خان کي مارڻ چاهين ٿا. مراد سعيد چيو ته فواد چوڌري اهو رويو ڪهڙي ملڪ ۾ اختيار ڪيو آهي. بني گالا ۽ عمران خان کان سيڪيورٽي واپس ورتي پئي وڃي. عمران خان جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اسلام آباد پوليس جو بيان به سامهون آيو آهي. جنهن ۾ هن ٻڌايو آهي ته بني گالا اڳوڻي وزيراعظم جي خانگي رهائشگاهه آهي. اڳوڻو وزيراعظم ڪيترن ئي مهينن کان اسلام آباد ۾ رهي نه رهيو آهي. اسلام آباد پوليس يا ٻين صوبن جي پوليس مقرر نه ٿي سگهي، ذريعن موجب بني گالا ۾ عمران خان جي رهائشگاهه تي اسلام آباد پوليس جي ڊي ايس پي سميت 70 اهلڪار مقرر هئا. جن مختلف شفٽن ۾ ڊيوٽي ڪئي.

بقايا *** 24

ڪارندا. نام نهاد آزادي جا حامي حڪومتن جي پٺڀرائي تي اسلام جي مقدس ڪتاب جي بي حرمتي تي لهي آيا آهن. هن ڀيري اسان سوئيڊن ۾ ترڪي جي سفارتخاني اڳيان قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي ذريعي لکين مسلمانن جي دلين کي ساڙڻ جو منظر ڏٺو اهو پهريون موقعو ناهي ته سوئيڊن اسلام ۽ مسلمانن خلاف شيطاني راند جو مرڪز بڻجي چڪو آهي. قرآن ڪريم مسلمانن جي نگاهه ۾ نهايت اهميت ۽ احترام جو حامل آهي. چو ته مقدس ترين ڪتاب ۽ رسول صہ جي عظيم ترين نشانين مان آهي. قرآن ذريعي مسلمان پرواز ڪندا آهن ۽ قرآن جي ڇانو ۾ خدا طرف موٽندا آهن. قرآن پاڪ مسلمانن جي زندگي جو سرمايو موت جو توشو ۽ قيامت ۾ نجات جو وسيلو آهي. مان ايران جي بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذاڪراتي ڪونسل جي سربراهه جي حيثيت سان قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي ذريعي مسلمانن جي دل آزاري جي سخت مذمت ڪيان ٿو.

بقايا *** 25

لاءِ ويل مهاڻن جي ٻيڙي ٻڏي ڪريڪ پرسان اونڌي ٿي، حادثي ۾ 4 مهاڻا ٻڏي ويا. جڏهن ته ناڪو اڪو سودو پاڻي مان ترڻ پاڻ بچائي ڪناري پهتو ٻڏي ويل مهاڻن ۾ بلاول ولد محمد چيرو، نبي بخش ولد شفيع چيرو ۽ زاهد ولد سليمان چيرو شامل آهن. جن جي ڳولا جاري آهي مهاڻي علي حسن چيرو ٻڌايو ته واقعو گذريل رات پيش آيو. هڪ پائيتيو ۽ 2 پائيجا ٻڏي ويا آهن. پنهنجي مدد پاڻ تحت سندن ڳولا ڪري رهيا آهيون هن ٻڌايو ته مهاڻن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون توڙي سرڪاري ادارن جا عملدار ٻڏي ويل مهاڻن جي مدد لاءِ ڪو قدم ناهن کنيا

بقايا *** 26

جو پيغام ڏيندو هو. اسان جي خاندان آرٽ لاءِ خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. منهنجي ڀاءُ جي قتل جي شفاف جاچ ڪرائي قاتلن کي وائکو ڪيو

بقايا *** 27

وفاقي وزير بابر غوري جي 10 ڏينهن جي لاءِ 2 لک رپين جي مچلڪن عيوض حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. درخواستگذار بابر غوري جي ڏي عليشاهه جي وڪيل چيو ته بابر غوري 30 جنوري تي پاڪستان ايندو. دهشتگردي توڙ عدالت بابر غوري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪيس آهن. عدالت بابر غوري جا وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا آهن. بابر غوري کي ٽيب به طلب ڪري رکيو آهي

بقايا *** 28

چڪا آهن. شيخ رشيد پنهنجي سي وي ڪٽي هٽ پير هٿي رهيو آهي، پر پاڪستان پيپلز پارٽي، ن ليگ ۽ جي يو آئي ف ڪيس ترڪري تي رکڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي. هن چيو ته شيخ رشيد لال حويلي مان بي دخل ٿيڻ کان بچڻ لاءِ بي بنياد الزام لڳائي ڪري ملڪ ۾ باهه لڳائڻ جي سازش ڪري رهيو آهي. هن چيو

۽ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري پاڪستان کپي جو نعرو لڳائي ڏکين حالتن ۾ ملڪ کي بچائي ورتو هو. صوبائي وزير چيو ته ڌرڻا هڻڻ ۽ احتجاج ڪرڻ پي ٽي آئي ۽ ان جي حوارين جو مقدر بڻجي ويو آهي. غيرسياسي ماڻهن کي مصنوعي طريقي سان قوم تي ٿوپيو ويو هو لاوارث ٿيڻ کان پوءِ اهي ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي چڪا آهن. اهي ڄاڻين ٿا . ته سهاري ڪانسواءِ هي يونين ڪونسل جو اليڪشن به نٿا کٽي سگهن. تنهن ڪري حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ واويلا ڪري رهيا آهن. هن چيو ته محسن نقوي جي چونڊ اليڪشن ڪميشن آئين ۽ قانون جي مطابق ڪئي آهي. محسن نقوي سٺي شهرت رکڻ واري شخصيت آهي. صوبائي وزير اطلاعات چيو ته چوڌري پرويز الاهي، فواد چوڌري جي گرفتاري جو جشن ملهائي رهيو آهي. پي ٽي آئي ۽ سندن حواري پنهنجي شڪست کي ڏسي بوکلاهٽ جو شڪار ٿي هر شيءِ کي تڪراري بڻائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن. هي چاهن ٿا ته انهن جي مرضي جا ماڻهو لڳايا وڃن. هن چيو ته لڳي ائين ٿو ته عمران خان گرفتاري جي خوف ۾ زمان پارڪ جي برڙ ۾ لڪي ويٺو آهي. ماڻهن جو ٻاهر احتجاج جمع ڪري عمران خان سمجهي ٿو ته هو چندي جي پيسن کي ريئل اسٽيٽ ۾ استعمال ڪرڻ، مني لانڊرنگ جي ڇتن ثبوتن، توشا خاني ۾ ڌاڙن ، بي آر ٽي پشاور ۽ مالم جبا ڪيسن کان بچي ويندو.

بقايا *** 29

وگهري رهي آهي، ايم ايل ون منصوبي کي مڪمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي، ڏينهن رات محنت ڪري دنيا ۾ پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪنداسين، دنيا ۾ حڪومتون گورننس جي ذميوار آهن اهي ادارا ناهن هلائينديون. اسان پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن کي نظر ۾ رکي پنهنجي ترجيحن جو تعين ڪيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف گرين لائين ٽرين سروس جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ريلوي واري وفاقي وزير خواجه سعد رفيق، ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر اسحاق ڊار، منصوبابندي واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال پڻ خطاب ڪيو. وزيراعظم تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته گرين لائين جنهن جو بنياد نواز شريف جي گذريل دور ۾ رکيو ويو هو ۽ بدقسمتي سان بيشمار ٻين منصوبن وانگر اهو منصوبو به بعد جي حڪومت ۾ دم ٽوڙي ويو. اسان ان سروس کي نئين سر جاري ڪرڻ تي اسان الله تعاليٰ جا شڪر ادا ڪريون ٿا ۽ ريلوي واري وزير ۽ چيني ڪمپنين کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. وزيراعظم چيو ته هينئر ويگنز جو معائنو ڪيو آهي جديد سهولتن سان ليس آهن. ريلوي وارو وزير آئوٽ سورسنگ تي يقين رکي ٿو ۽ موجوده دور ۾ ترقي جي سيڙهي اهائي آهي. ان سان ريلوي ۾ بهتري ايندي ۽ پاڪستان ريلوي کي فائدو ٿيندو. هن چيو ته حڪومتن جو ڪم ادارا هلائڻ نه آهي پر گورننس هوندو آهي. هن چيو ته حڪومتون اينديون وينديون رهنديون آهن پاڪستان اڄ ان ٻه واٽي تي بيٺو آهي، جتي هڪ هڪ پئسو بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن جي صورتحال ڏسي اسان ترجيحون مقرر ڪيون آهن. جنهن ۾ خوراڪ ۽ دوائن جي درآمد کي اولين ترجيح ڏني وئي آهي، پوري اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان هن مهيني معاهدو ٿي ويندو ۽ انهن مشڪلاتن مان نڪري وينداسين. هن چيو ته هي مشڪل وقت آهي، پاڪستان دنيا ۾ ماحولياتي آلودگي ۾ رڳو هڪ سيڪڙو حصو هجڻ جي باوجود ان جو شڪار ٿيو ۽ بدترين ٻوڏ آئي. اتحادي حڪومت ڏينهن رات ملڪ کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي. خواجه سعد رفيق ميرٽ جي بالادستي تي يقين رکي ٿو ريلوي کي ٻين ادارن وانگر مشڪلاتون درپيش آهن. قومن جي زندگي ۾ مشڪلاتون اينديون رهنديون آهن. انهن کي منهن ڏئي اڳتي وڌندڙ قومون ئي ترقي ڪنديون آهن. اهو ئي هن حڪومت جو ويزن آهي ۽ ان تي پوري طرح عمل پيرا آهيون. هن چيو ته ايم ايل ون اسان جي ترجيحي ايجنڊا ۾ شامل آهي. چين جي حڪومت ان منصوبي کي تيزي سان اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پرعزم آهي. گذريل حڪومت ۾ ادارن تي بي بنياد الزام بازي ۽ چيني ڪمپنين تي ڪرپشن جا الزام هڻڻ سان چيني عملدارن کي تڪليف ۽ اذيت پهتي. تازي چين جي دوري تي چين اسان جو ڀرپور ۽ گرمجوشي سان استقبال ڪيو چيني اڳواڻ ۽ عوام پاڪستان سان والهاڻي محبت ڪن ٿا. گذريل ڇهن سالن ۾ لاڳاپن کي جيڪو نقصان پهتو ان کي واپس آڻڻ سولو ڪم نه آهي، جيتوڻيڪ برف وگهري رهي آهي. چيني حڪومت ۽ عوام جا ٿورائتا آهيون ته اهي پاڪستاني عوام جي لاءِ بي پناهه محبت جا جذبا رکن ٿا، اسان کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لاءِ ان روش کي تبديل ڪرڻو پوندو. محبت کي پنهنجو شعار بڻائڻو پوندو. اسان ڪيستائين ٻين جي سهاري تي رهنداسين. هي سفر مشڪل ضرور آهي پر اسان ڏينهن رات محنت ڪري ملڪ کي اڳتي وڌائينداسين ۽ ملڪ پنهنجو وڃايل مقام حاصل ڪندو.

بقايا *** 30

ٻارڙن سميت 20 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن. سنڌ حڪومت جي مجرماڻي خاموشي تي پنهنجو سخت ردعمل ظاهر ڪندي هن چيو ته اهڙن وڏن واقعن تي ظالمن جي خاموشي سمجهه کان مٿاهون آهي. ايترن موتن تي طوفان کڙو ٿيڻ گهرجي هان. هر موت جي سوداگرن ڏوهاري خاموشي اختيار ڪئي آهي اقتدار تي ويٺل اهو جاڳي وٺن ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن عوام جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي وڃي، چور حڪمرانن کي ڀڄڻ جو موقعو نه ملي. سردار عبدالرحيم وڌيڪ چيو ته معصوم جانين جي ضياع ٿيڻ تي حڪومت ۽ ادارن جي سربراهن تي ڪيس داخل ٿيڻ گهرجي وارث بي يار مددگار آهن. پر سرڪار صرف نوٽيس وٺي جان ڇڏائي پئي. هن چيو جڏهن رهائشي علائقن ۾ غير قانوني طور زهريلي ڪيميڪل جون فيڪٽريون قائم ٿي رهيون هيون ته ان وقت صوبائي کاتا ڪاڏي ويا هئا. هن چيو ته عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿي ته هن وقت راشي حڪمرانن پنهنجا کيسا گرم ڪرڻ لاءِ ڏوهارين وانگر خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو 20 معصوم جانيون ضايع ٿي ويون. سردار عبدالرحيم چيو ته ماضي ۾ به زهريلي ڪيميڪل گيس جي خارج ٿيڻ سان ڪيترائي ماڻهون موت جي منهن ۾ هليا ويا پر حڪومت ان وقت هوش کان ڪم نه ورتو ۽ سبق نه سکيا ۽ هاڻوڪي سانحي تي به حڪمرانن کان ڪنهن اڳڀرائي جي توقع نٿي رکي سگهجي. صنعتي علائقن ۾ قائم فيڪٽرين مان زهريلو مادو گٽرن ۽ سيوريج لائينن ۾ وهايو ٿو وڃي. پر حڪمران ۽ ادارن جا سربراهه رشوت عيوض خاموش اختيار ڪيون ويٺا آهن. عوام جي جانين سان کيڏڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. صوبائي ادارا پنهنجيون ذميواريون پوريون ڪن نه ته قدرت جي انتقام لاءِ تيار رهن. هن مطالبو ڪيو ته فوتين جي وارثن جي مالي امداد جو اعلان ڪيو وڃي.

بقايا *** 31

شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد اوڊو رپورٽ پيش ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 130 واقعا رپورٽ ٿيا جن ۾ 54 موبائل فون/نقدي ڇنڻ، 2 ڪارون ۽ 7 موٽرسائيڪلون ڇنيون ويون جڏهن ته 67 موٽرسائيڪلون چوري ڪيون ويون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته مزاحمت ڪرڻ تي ضلع مليرجي بن قاسم ٿاڻي جي حد جو رهواسي صادق ولد ابراهيم نالي هڪ شهري کي چورن زخمي ڪيو سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گذريل 24 ڪلاڪن ۾ پوليس 7 مقابلا ڪيا جن ۾ هڪ ڏوهاري مارجي ويو ۽ 11 اسٽريٽ ڪرمنلز/ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 6 اسٽريٽ ڪرمنلز کي واقعي واري هنڌان پڪڙيو ويو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ٽوٽل 130 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ 39 اسٽريٽ ڪرمنل/ ڦورو، 13 ڪار لفٽرز، 29 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 25 منشيات وڪرو ڪندڙ ۽ 24 ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته پوليس مختلف ڇاپن/آپريشن دوران 29 غير قانوني هٿيار، 7 ڪلو چرس، 15 چوري ٿيل موبائيل ۽ 32 چوري ٿيل گاڏيون هٿ ڪيون جن ۾ ٻه ڪارون ۽ 30 موٽرسائيڪلون شامل آهن.

بقايا *** 32

آهي ۽ انٽر بئنڪ مارڪيٽ جي اختتام تي آمريڪي ڊالر 24 رپيا 54 پئسا اضافي سان 255 رپيا 43 پئسا تي بند ٿي ويو جمعي جي ڏينهن انٽر بئنڪ ڪاروبار جي شروعات تي ڊالر جي قيمت ۾ هڪ رپيو 57 پئسا واڌ ٿي جنهن سان ڊالر 257 رپيا 50 پئسا تي ويو ڪاروبار دوران ڊالر جي قيمت ۾ وڌيڪ اضافو ڏسڻ ۾ آيو آهي ۽ هڪ آمريڪي ڊالر 6 رپيا 67 پئسا مهانگو ٿي 262 رپيا 50 پئسا ٿي ويو آهي. گذريل 2 ڏينهن ۾ انٽربئنڪ ڊالر 31 رپين کان وڌيڪ مهانگو ٿي ويو آهي ۽ پاڪستان جي قرضن ۾ 3950 ارب رپين کان وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 8 رپيا مهانگو ٿيڻ سان 265 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا سنڌيار 01

جسڪاڻي، علي جسڪاڻي، پ ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سليو ڪيو ان موقعي تي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ هڪ پروقار تقريب ڪوٺائي وئي تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر مٺل جسڪاڻي، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي، پ ٽ الف اڳواڻ حاجي شفيع محمد سليو، آپڪا ضلعي صدر منير احمد پٽي، سنڌي ادبي سنگت مرڪزي اڳواڻ اعظم پٽي، سنڌي ادبي سنگت اڳواڻ پير آغا جان آغا، سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر چمن لال جيواڻي، سنڌ آبادگار چيمبرس جي مرڪزي اڳواڻ نبي بخش سليو ۽ ٻين چيو ته لائبريري جو اصل مقصد معلومات، ڄاڻ، علم ۽ شعور کي پکيڙڻ آهي. لائبريري جو مقصد علم جي روشني سان جهالت جي انڌيري کي ختم ڪرڻ آهي. لائبريرين سان اسان جي نوجوان نسل لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿي سموري دنيا ۾ لائبريريون قائم ڪري علم جي روشني پکيڙجي ويندي آهي اسان جي نوجوان نسل ۾ ڪتابن سان لڳاءُ گهٽجي رهيو آهي لائبريرين سان لاڀ حاصل ڪري اسين پنهنجي علم ۾ اضافو ڪري سگهون ٿا شاگردن ٽوڙي هر طبقي جي ماڻهن کي ڪتابن سان چاهه رکڻ گهرجي ڪتاب پڙهڻ سان علم ۾ واڌ ٿئي ٿي جيڪي ماڻهو ڪتاب پڙهن ٿا سي فائدو حاصل ڪن ٿا پر هر ماڻهو مطالعو نٿو ڪري. هڪ ته اسان وٽ مطالعي وارو ماحول ميسر ڪونهي. ٻيو ته ادبي ميڙاڪا يا ڪڏجاڻيون ته هڻڻ جي برابر آهن. ٽيون ته اسان جو نئون نسل ته رڳو سوشل ميڊيا تائين محدود آهي پر مطالعو به تڏهن ممڪن آهي جڏهن لائبريريون هجن هن چيو ته دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ تعليم کي ايتري ته اهميت حاصل آهي جو هر عوامي جاءِ تي پبلڪ لائبريريون قائم ٿيل آهن. بس اسٽينڊ، پارڪن، ريلوي اسٽيشنن ۽ اسپتالن سميت هر جاءِ تي لائبريريون آهن. بدقسمتيءَ سان اسين لائبريرين کان محروم آهيون. هن مهانگائيءَ جي دور ۾ جتي هر شيءِ جو اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي اتي ڪتابن جون قيمتون پڻ وڌي ويون آهن اهڙا ڪيترائي ڪتاب آهن جيڪي مهانگا آهن ۽ ڪارائتا به آهن پر ڪو غريب ماڻهو ڪتاب پڙهڻ چاهي ۽ مهانگي هجڻ سبب خريد نه ڪري سگهي ته اهو لائبريري ۾ وڃي ڪتاب پڙهي سگهي ٿو اهڙا ڪيترائي شاگرد جيڪي ڪتابن جو خرچ افورڊ نٿا ڪري سگهن انهن لاءِ لائبريري ضروري آهي. ان موقعي تي اسڪول جو هيڊ ماسٽر عارف قريشي، شاهنواز مهر، تاج رونجهو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 02

ظهير احمد سومرو رابطا سيڪريٽري راشد علي ميمڻ پريس سيڪريٽري پرويز عالماڻي آفيس سيڪريٽري نصير ابڙو ۽ ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جا عهديدار ۽ ميمبر چونڊيا ويا چيئرمين شاهد سومرو سينيئر وائيس چيئرمين شاهنوز اڄڻ وائيس چيئر مين عرفان عالماڻي ۽ ٻيا ميمبر چونڊيا ويا

بقايا سنڌيار 03

ذوالفقار علي چنڙ جي صدارت ۾ ٿي گذريو برانچ جي پريس ترجمان آدم خان چنڙ جي پريس رليز مطابق پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جو شرف حافظ اظهر علي ميراڻي حاصل ڪيو جنهن کان بعد نعت خوان نعتون پڙهيون جن ۾ صوفي امجد علي چنڙ فقير محمد قاسم طاهري نديم احمد چانڊيو حافظ محمد رافع چنڙ منقبت عبدالغفار چنڙ پڙهيون جڏهن ت خطاب لاجواب مولوي ارشاد علي مري ۽ مولوي حافظ محمد صادق چانگ طاهري ڪندي حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو شان بيان ڪيو جنهن کان بعد مراقبو خليفا دين محمد چنڙ ڪرايو آخر ۾ پوري امت مسلما لاءِ دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 04

جماعت اسلامي ضلعي بدين جي امير سيد علي مردان شاه چيو آهي ته قرآن پاڪ جي بي حرمتي 10 ارب مسلمانن جي ايمان تي حملو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري واقعي جي سخت مذمت ڪريان ٿو ۽ ان کي 100 ارب مسلمانن جي جذبات تي حملو قرار ڏيان ٿو هن چيو ته سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جو واقعو اسلاموفوبيا ۽ مغرب جي منهن تي بدنما داغ آهي. سويڊن کانپوءِ هالينڊ ۾ به اهڙو واقعو پيش آيو آهي. اهڙي واقعي جون رپورٽون مغربي دنيا جي مونجهاري جي علامت آهن. ان معاملي کي به منهن توڙ جواب ڏيڻ گهرجي. پاڪستان واقعي خلاف سخت احتجاج ڪرڻ گهرجي ۽ سفير کي پاڪستان جي عوام جي جذبات کان آگاهه ڪيو وڃي. اهڙي افسوسناڪ واقعن جي آڙ ۾ توهان کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان موقعي تي الله بچايو هاليپوٽو عظيم منصوري، غلام رسول احمداڻي، عبداللطف ڪوسو، عبدالڪريم ٻليدي فتح خان ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 05

خلاف درخواست ۾ پنهنجو موقف اختيار ڪندي ٻڌايو ته ضلعي انتظاميا گهوٽڪي کي قانون موجب درخواست ڏني هئي ته رڪارڊ ڏنو وڃي ته ڪٿي ڪيترو خرچ ٿيو پر ان هوندي به رڪارڊ نه ڏيڻ جي صورت ۾ اهڙي درخواست چيف انفارميشن ڪمشنر سنڌ ۾ داخل ڪرائي آهي ته گهوٽڪي ضلعي انتظاميا کي ڪروڙين رپيا او جي ڊي سي ايل، ماڙي گئس، اينگرو ۽ ايف ايف سي سميت ٻين ڪمپنين کان اربين رپيا ملن پيا پر ان هوندي به ضلعي گهوٽڪي جي حالت نه سڌري سگهي آهي ايڊوڪيٽ راشد نوناري جو چوڻ هو ته جيڪڏهن گذريل ڪمن جو رڪارڊ ۽ ڪٿي ڪيترو پئسو خرچ ٿيو آهي جو رڪارڊ نه ڏنو ويو ته ضلعي گهوٽڪي جي اعليٰ عملدارن، ضلعي انتظاميا خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ويندي.

بقايا سنڌيار 06

سوزوڪيون ۽ رڪشا پرچي وڪرو ٿيڻ لڳا، وائلڊ لائيف کاتي سميت انتظامي ڪوبہ تحرڪ ناهي ورتو ان سلسلي ۾ مقامي ڪوهستان واسين ڏانهيندي چيو آهي ته ڪوهستاني پٽي لوٽي ڪوٽ، جنگهڙي ۽ سورجاڻو جبل جي اسپاس مختلف ناياب وڻن جي غيرقانوني واڍي تيزي سان جاري آهي، جنهن جون ٽرڪون، سوزوڪيون ۽ رڪشا پرچي وڪرو ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته ڪوهستاني پٽي ۾ اهڙا ناياب وڻ جيڪي رڳو چوپائي مال جي چراگاهن، ڪوهستاني پٽي جي رهواسين جي ڪيئن رستن ۽ لنگهن تي وڃي بچيا آهن جن جي ٻواڏي شروع ٿي وئي آهي. پر وائلڊ لائيف کاتي سميت انتظاميہ ڪو تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار ناهي. هنن گهر ڪئي ته ڪوهستاني پٽي ۾ مختلف ناياب وڻن جي ٽينڊر غيرقانوني ڪٽائي روڪي انهن جو تحفظ ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سميت ڪوهستان جي سونهن کي بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 07

وجهڙو پوليس جي حدن ۾ هر روز چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي ڌاڙيلن خلاف ڪابہ ڪاروائي نہ ٿي ڪري. هنن چيو ته اسان چورن جي شڪايت تي ايس ايڇ او وجهڙو وٽ درخواست ڏيڻ لاءِ وڃون ٿا ته چوي ٿو آئون ڇا ڪريان. هنن چيو ته ايس ايڇ او ملڪ مشتاق ڌاڙيلن سان مليل آهي هٿ سان ڏوهه ڪرائي ٿو غريب ماڻهو لپ اٿي جي وٺي ٿاڻي اڳيان گذري ٿو بلا جواز ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ٿو هنن ڊي آئي جي ميرپورخاص ايس ايس پي ٿرپارڪر ڦورن نوٽس وٺي ايس ايڇ او خلاف ڪاروائي ڪري ڦورن هٽائي ايماندار ايس ايڇ او وجهڙو مقرر ڪيو وڃي هوڏانهن ايس ايڇ او وجهڙو ملڪ مشتاق ٻڌايو ته مون وٽ اڄان تائين ڪنهن به چوري جي رپورٽ ڪرڻ لاءِ نه آيو آهي مون تي لڳل الزامن ۾ ڪابہ صداقت نہ آهي مون کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي هوڏانهن ٽن ڪلاڪن جي لڳل ڌرڻي تي ڊي ايس پي مٺي شير خان رند پهچي ڌرڻي جي اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا سنڌيار 08

گورنمينٽ بوائز ڪيمپس اسڪول مڪلي جي پرائمري سيڪشن ۾ منعقد ڪيل گرين ڊي جي موقعي تي شاگردن کي خطاب ڪندي ڪيو استادن وڌيڪ چيو ته اهو نه صرف ٻار جي بهتر ترقيءَ جو سبب بڻجي ٿو پر عملي زندگيءَ ۾ ان جي تمام گهڻي مدد ڪري ٿو اڄو ته انهن فائدن کي وڌيڪ تفصيل سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. مقررين ۾ پروگرام انچارج محمد صفدر ٺٽوي، عبدالغني وينجهر، وارث علي جوکيو ۽ ٻين خطاب ڪندي ڪيو گرين ڊي جي موقعي تي شاگردن گرين آئٽمز جا مختلف ڊرائنگ ۽ چارٽ ناهي حصو ورتي شرڪت ڪئي. ٻوردن کي سائي رنگ ڦوڪڻ ۽ ڊرائنگ کي لڳائي ٻورڊز سجايا

بقايا سنڌيار 09

حاصل ڪري وڪيل بڻجي ماروئڙن جي خدمت ڪرڻي آهي، نياڻي جي موٽرسائيڪل هلائڻ کي عيب سمجهيو ويندو آهي اسڪول ايندي ويندي آهيان ته ماڻهون حيران ٿي ڏسن ٿا، اسڪول جي پرنسپل منهنجي پڙهائي سميت ٻين ضرورتن ۾ مدد ڪندي آهي. شاگردياڻي زينب زنگيجو رپورٽ موجب رتوديرو جي گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول رتوديرو ۾ تعليم حاصل ڪندڙ نائين درجي جي شاگردياڻي زينب ڌي اوشاق زنگيجو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن معصوم ڀائرن سان گڏجي ڳوٺ کان ست ڪلو ميٽر سفر طئي ڪري اسڪول پهچندي آهي. انهي حوالي سان شاگردياڻي زينب زنگيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان وٽ نياڻين کي اعليٰ تعليم نٿي ڏياري وڃي وڏ ۽ وڏ ڳوٺ ۾ نياڻين کي پنج درجا پاس ڪرائي گهر ۾ ويهاريو ويندو جو جو هاءِ اسڪول جي سهولت ڳوٺ ۾ ناهي منهنجو والد پورهيت آهي گڏهه گاڏو هلائي گهر جو گذر سفر ڪندو آهي مونکي اعليٰ تعليم حاصل ڪري وڪيل بڻجي ماروئڙن جي خدمت ڪرڻي آهي انڪري والد کي چيو ته مون کي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻي آهي جنهن بعد والد اجازت ڏني پر ٽرانسپورٽ تي هر روز آئوٽ بيڪ جو خرچ نہ هجڻ سبب اسان جي ويجهي مائٽ موٽرسائيڪل وٺي ڏني بابا موٽرسائيڪل هلائڻ سيکاري موٽرسائيڪل هلائي اسڪول ايندي ويندي آهيان اسان وٽ نياڻي جو موٽرسائيڪل هلائڻ کي به عيب سمجهيو ويندو آهي اسڪول ايندي ويندي آهيان ته ماڻهون حيران ٿي ڏسن ٿا، بابا اسان کي خرچي جا پئسا ڏيندو آهي اهي خرچ ڪرڻ بدران جمع ڪري موٽرسائيڪل ۾ تيل وجهرائيندي آهيان، اسڪول جي پرنسپل منهنجي پڙهائي سميت ٻين خرچن ۾ مدد ڪندي آهي، شهر جي سڄاڻ ڌرين طرفان حڪومت سنڌ ۽ تعليم کاتي کان گهرڪئي آ ته نياڻي جي حوصلاافزائي لاءِ وظيفو جاري ڪرڻ سان گڏ ڪيس سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن جيئن ڳوٺائي ماحول ۾ رهندڙ ٻين نياڻين جي حوصلاافزائي ٿئي ته هو اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن جيڪي نياڻيون پڙهڻ چاهين ٿيون انهن جي همٿ افزائي ڪئي وڃي ته جئين اهي اڳتي پڙهي پنهنجي ملڪ پاڪستان، پنهنجي سنڌ ڌرتي، پنهنجي ضلعي، پنهنجي تعلقي، پنهنجي شهر، پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي ابي امان، پنهنجي ڀائرن جو نالو روشن ڪن.

بقايا سنڌيار 10

جو مريد فقير عطا حسين نوناري، عقيدت مند غوثيا جماعت جو مريد فقير شاه محمود پتو ،ڀائو محمد علي خان عمراڻي ۽ قمبر ،لاڙڪاڻو ،رتوديرو، نئون ديرو، ڳڙهي خدا بخش پٽ عزت جي واند ۽ ٻين ضلعن تعلقن شهرن ڳوٺن جي ماڻهن درگاهه حسين آباد جي سرواڻ سيد غلام حسين شاه قمبرواري جي شان ۾ پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته اسان اڄ اهڙي هستي کان محروم ٿي ويا آهيون جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ سان ۽ دلي سڪون ملندو هو اڄ اسان ان سهڻي ديني شخصيت کان محروم ٿيا آهيون مرشد قمبروارو وڏي صبر وارو ماڻهو ۽ فقير طبيعت جو مالڪ هو هنن ماڻهن جو وڏي چوڻ هيو ته اڄ قمبر شريف يتيم ٿي ويو آهڙيون هستيون تمام گهٽ پيدا ٿينديون آهن سائين سيد غلام حسين شاه قمبروارو زنده ولي هيو هن جون ڪافي ڪرامتون هيون اسان هن جون ڪرامتون ڏسي ۽ ٻڌي تمام گهڻو پرايو هيو سي اڄ اسان جي مٿان شفقت جو هٿ لهي ويو اڄ پوري جماعت اهلسنت يتيم ٿي وئي، سائين ؒ جو وڇوڙو ڏکائيندڙ آهي اسان کي الله پاڪ جي رضا تي به راضي رهڻو پوندو جو جو هڪ ڏينهن موت جو مزو چکڻو آهي اسان جي دعا آهي ته الله پاڪ سائين درگاهه حسين آباد قمبرشريف جي گادي نشين سيد غلام حسين شاه بخاري کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪندو ۽ پوئنرن سميت اسان کي به صبر جي توفيق عطا فرمائي،

بقايا سنڌيار 11

سخت سيءُ ۾ کليل آسمان هيٺ بي يارومددگار ويٺل. ٻنون جي رهندڙ غريب ماستر ابراهيم عرف غلام مڱڻهار جي گهر کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي. جنهن سبب گهر ۾ پيل روڪ رقم 2 لک 65 هزار رپيا، سونا زيور، گهر ۾ بيٺل موٽر سائيڪل، نوڪري جا ڪاغذ ڪتون، هنڌ، بسترا، ڪپڙو ۽ ٻيو سامان سڙي باهه جي رک ٿي ويو گهر ڌڻي استاد ابراهيم عرف غلام منگهڻار پريس ڪلب دڙو جي ٽيم کي ٻڌايو ته رات جو گهر ۾ ستل هئاسين. ته اوچتو گهر کي باهه لڳي، جنهن سبب هنگامي طور سمورن گهرڀاتين کي گهر کان ٻاهر ڪڍي جان بچائي، پر گهر ۾ پيل روڪ رقم، سونا زيور، موٽرسائيڪل، ڪاغذ هنڌ بسترا ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي ويو آهي، هن وڌيڪ ٻڌايو ته باهه سبب سخت سيءُ ۾ کليل آسمان هيٺ بي يارومددگار ويٺل آهيون. سنڌ سرڪار، حد جا چونڊيل نمائيندا ضلع انتظاميا سجاول ۽ سرندي وارا مالي مدد ڪن.

بقايا سنڌيار 12

مولوي ارشد نعيمي ۽ محمد فيصل رضوي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي رحمان مسجد گهارو کان ڪڍي وئي ريلي شهر جي مختلف چوڪن تان ٿيندي ٽائون ڪميٽي تائين پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو مسلسل يهودي ملڪ ڪڏهن حضور اڪرم جن جي شان ۾ گستاخي ڪن ٿا ڪڏهن صحابہ ڪرام جي ۽ ڪڏهن قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري مسلمانن جي ايماني جذبي سان کيڏيو ٿو وڃي انهن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ يهودين جي ملڪ سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري سازيو ويو جنهن جي ڪري اسان سراپا احتجاج بڻيا آهيون ۽ حڪومت وقت کان مطالبو ٿا ڪيون ته جيڪي يهودي ملڪ اسان جي ايماني جذبي سان کيڏڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ حضور اقدس ان جي صحابہ ڪرام رضجن ته وري قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪن ٿا انهن سان مڪمل طور تي بائيڪاٽ ڪيو وڃي ۽ انهن ملڪن جي سفيرن کي ملڪ بدر ڪيو وڃي تحريڪ لبيڪ پاڪستان هر وقت اسلام جي سربلندي لاءِ جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ريلي ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سوئيڊن خلاف نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 13

ٽينڊر ترقياتي ڪمن جي مد ۾ ٺيڪيدارن ۽ آفيسرن کي بليڪميل ڪري پيٽو ورتو آهي ۽ هاڻي ٻڻ ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو پاران شهر نوشهرو فيروز اندر مختلف پاڙن ۾ ڪروڙين روپين جي پيور ۽ برينج جون اسڪيمون ڏنيون آهن جيڪي پبلڪ هيلٿ کاتي پاران ڪم ڪرايا پيا وڃن ۽ سڄي شهر ۾ ساڳي نموني سان ٺيڪيدار سلو ڪم ڪرائي رهيا آهن جڏهن حبيب چوڪ نوشهرو کان هيناڻين چوڪ تائين ڪافي سالن کان روڊ جي حالت خراب هئي منهنجي ذاتي ڪوشش سان ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو مون کي شهر جي اسڪيم ڏني جنهن جو ڪم تمام بهترين ٿي رهيو آهي جيڪا ڳالهه منهنجي مخالفن کي هضم ڪون ٿي ۽ شهر ۾ ٺيڪيدار ۽ منهنجي مينيجر سان بدتميزي ڪئي ۽ جهيڙو ڪيو ۽ شهر جو ماحول خراب ڪيو اهڙي ڏانهن مون پارٽي جي اعلي قيادت سان ڪئي آهي جن مون کي خاطري ڪرائي آهي ته انهن بليڪميلرن پيٽا خور ماڻهن تي ڪيس داخل ڪرايو ويندو ۽ ترقياتي ڪم ۾ ڪنهن به شر پسند ماڻهو جي مداخلت کي هر گز برداشت نہ ڪيو ويندو ڇاڪاڻ جو شهر ۾ ٽينڊر ڪروڙين روپين جا ترقياتي ڪم ڏسي پيپلز پارٽي مخالف بوکلاڄجي ويا آهن

بقايا سنڌيار 14

سماجي ۽ شهري پريس ڪلب نوشهرو فيروز آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي جنهن ۾ شهري ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻ يونس راڄپر ايس ٽي پي اڳواڻ اسد چانڊيو جاويد سيال پي پي شهيد ڀٽو خالد چانڊيو بشارت ڪوسو وسيم ڏنگراچ شعبان ڪوسو مرتضي لغاري جي ڊي اي جو رهنما معشوق علي ڪوراڻي سميت دڪاندار خادم پتو عاقب سولنگي علي مري هدايت الله سولنگي بابر علي وسطڙو علي حسن ۽ ٻين انتظاميہ کان مطالبو ڪندي چيو ته شهر مان مڪمل صفائي نہ ڪئي وئي ته اسان مسلسل سراپا احتجاجي ڪندا رهنداسين منياڻي روڊ مڪمل تباهه آهي پر هتان جي چونڊيل نمائندہ هن مهل تائين ڪوبه ايڪشن نہ ورتو اسين ڊي سي نوشهرو فيروز شاهزيب شيخ ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئر ٽائون ڪاميٽي کي اهو چتاءُ ٿا ڏيون ته جيڪڏهن اوهان ٻن ڏينهن اندر روڊ جي صفائي نہ ڪرائي ڏني ته اسين احتجاج جو دائرو وڌائينداسين.

بقايا سنڌيار 15

ڪمار ڪيسواڻي، وشال فرٽيلائيزر ڪمپني جي نرمل داس، ڪامدار فرٽيلائيزر ڪمپني جي هريش ڪمار، سندر فرٽيلائيزر ڪمپني جي شام لعل، سنديش فرٽيلائيزر ڪمپني جي مولچند، هوتو راجا، روي ڪمار، وڃي ڪمار، پرديپ ڪمار ۽ ٻين پاڻ ڊيلرن ڪشمور جي مقامي آبادگارن کي وياج عيوض ٻيٽي ريٽ تي پاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪمپني جي اگهه 2440 رپين ۾ ايندڙ پاڻ 3300 رپين ۾ وڪرو ڪري روزاني هزارين پاڻ جي ٻورين تي ڪروڙين رپيا غريب آبادگارن کان ڦريا وڃن ٿا جڏهن ته ڪمپني کان ايندڙ پاڻ جي بليڪ تي وڪري ٿيڻ جي مڪمل ڄاڻ هجڻ باوجود ڊپٽي ڪمشنر منور علي مٺياڻي، اي سي علي رضا سومرو ۽ ٻيا انتظامي عملدار پاڻ ڊيلرن مٿان چپر ڇانو بڻيل آهن وياج جي ڪڌي ڪاروبارين جي وڪڙ ۾ اچي ڪيترائي ننڍا وڏا آبادگار ڪشمور جي وياجين وٽ ڪروڙين رپين جا قرضي بڻجي پنهنجون قيمتي پراپرٽيون وڪرو ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انتظاميہ جي اک بند ۽ پاڻ زرعي ٻج بليڪ تي وڪري ۽ غيرقانوني منافع خورن ۽ وياج جي ڪاروبارين خلاف عملي طرح ڪاروائي ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن چيف جسٽس صاحبان ازخد نوٽس وٺي ڪشمور ۾ وياجين ۽ پاڻ، زرعي ٻج بليڪ تي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪرائڻ لاءِ ٽيم جوڙين ته جيئن بيوس بڻيل آبادگارن کي رليف ملي سگهي.

بقايا سنڌيار 16

پٽ نور محمد ميتلو کي هٿيارٻندن گوليون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس حد جي ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي پوليس ٽن جوابدارن مشعل الله ميتلو ياسين ميتلو وسايو ميتلو کي گرفتار ڪيو آهي پر مک جوابدار نثار ميتلو کي گرفتار نہ پئي ڪري، جوابدار ڪيس تان هٿ ڪرائڻ لاءِ موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن.هنن چيو ته اسان غريب آهيون ۽ جوابدار باثر آهن جنهن ڪري اسان جي زندگين کي خطرو آهي. مظاهرين آءِ جي سنڌ، حيدرآباد، ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪري تحفظ ڏنو وڃي،

بقايا سنڌيار 17

صدر شاهنواز سيال پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ضلعي ٺٽي جي مختلف تعلقن يونين ڪائونسل ۽ فرنٽن جي عهديدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سال 2023 لاءِ نيئن ضلعي باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ صدر سيد جلال شاه نائب صدر حڪيم بروهي جنرل سيڪريٽري جميل سمون جوائنٽ سيڪريٽري عمر ناهيو رابطا سيڪريٽري نائو بروهي انفارميشن سيڪريٽري راجو قريشي ۽ خزانچي لاءِ علي محمد مالهيو کي چونڊيو ويو اڳواڻن چيو ته 24 فيبروري 2023 تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ يوم مادر وطن جي جلسي کي ڪرڻ لاءِ ضلعي جي هر يونين ڪائونسل ۽ شهرن ۾ جلسي جي ڪاميابي لاءِ دورا ڪيا ويندا مٿين اڳواڻن تي ڪم ڪار لاءِ مختلف ڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون.

بقايا سنڌيار 18

پاپوليشن ويلفيئر محمد اسماعيل ڪلهوڙو ۽ ٻين کاتن جا آفيسر موجود هئا. اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر چيو ته سمورن تعلقن جا اسسٽنٽ ڪمشنرز پنهنجن تعلقن ۾ پروگرام منعقد ڪن ۽ پروگرام ۾ پاڻ شرڪت ڪن. تعليمي ادارن ۾ تقريري مقابلن جي پروگرام ۾ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ انعام ڏنا وڃن. هن چيو ته ضلعي جي سمورن کاتن جا آفيسر ۽ عملدار يڪجهتي جي ڏهاڙي جي پروگرامن کي موثر انداز ۾ منعقد ڪن. هن چيو ته يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر آفيس کان ريلي ڪڍي ويندي. جڏهن ته ريلي کان اڳ هڪ منٽ جي خاموشي ۽ تقرير جو پروگرام پڻ منعقد ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 19

سنڌي ۽ اردو جو بهترين شاعر ۽ ترجمہ نگار هوجنهن رسول بخش پليجو جو ڪتاب سنڌ پنجاب واٽر ڊسپيوٽ انگلش مان اردو ۾ ترجمو ڪيو ۽ اهڙا اوتڙا ويچ جو سنڌي مان اردو ترجمو ڪري رهيو هو هو هڪ عظيم ڪردار هو ميڙاڪي کي وڪيل اياز هاليپوٽو پنهنجي خطاب ۾ چيو ت سراج منهنجو ننڍو ڀاءُ هو جيڪو ڪجهه مهينا اڳ 17 هين گريڊ ۾ ليڪچرار شپ ۾ ڪميشن پاس ڪري اردو ادب ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو هو هن جو وڇوڙو سنڌي توڙي اردو ادب لاءِ ڪنهن سانحي کان گهٽ نہ آهي سنڌي هاري تحريڪ ضلع بدين جي صدر رامجي ڪولهي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو سراج هاليپوٽو سنڌي شاگرد تحريڪ جو اهر اڳواڻ هو هن شخص اسان جي سماج ۾ ٻي ٻهج ماڻهن کي مفت ۾ تعليم ڏيڻ جي ڪم ابتدا ڪيي ته زندگي سندس سات نہ ڏنو ۽ هو اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو وڪيل محبت هاليپوٽو خطاب ۾ چيو ته هو منهنجو ڀاءُ هو 25 ڊسمبر 2023 تي ڪو نامعلوم ماڻهوَ منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪري فرار ٿي ويو اڄ 31 ڏينهن گذرڻ باوجود بہ انتظاميا قاتل گرفتار نہ ڪري سگهي آهي جڏهن ته سنڌ جي 8 بار ايسوسيئيشن سراج جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قراردادون منظور ڪيون آهن مگر هن جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ هڪ نوجوان جا قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا اهن قاتل گرفتار نہ ٿيڻ مان اهو پيغام ٿو ملي ته انتظاميا سراج جي قاتلن کي پناهه ڏيي بچائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪري رهي آهي تعزيتي ميڙاڪي ۾ سيني سراج هاليپوٽو کي سندس خدمتن تي خراج تحسين پيش ڪندي هڪ دفعو ٻيهر انتظاميا کان مطالبو ڪيو ويو ته سراج جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 20

علي مهر جي هدايت تي ڏکڻ زون جي سمورن سيڪٽرن حيدرآباد، سکر، سڪرنڊ، لاڙڪاڻو سيوهڻ ۽ ڪراچي ۾ آفيسر موڪلن دوران خاص ڪري ڇنڇر ۽ آچرجي ڏينهن تي روڊ استعمال ڪندڙن جي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. ان حوالي سان ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس سائوٿ زون جاويد علي مهر جو چوڻ آهي ته نيشنل هاءِ وي ۽ موٽروي تي موڪلن دوران اڪثر گاڏين جي رش هوندي آهي. ان ڪري نيشنل هاءِوي تي سمورن ٽال پلازن ۽ گائيڊس سينٽرس تي موٽر وي پوليس جا وڌيڪ آفيسر موجود هوندا آهن. روڊ سيفٽي بابت بريفنگ ڏيڻ کان علاوه ڊرائيورن ۽ مسافرن کي هر ممڪن مدد فراهم ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ روڊ سيفٽي پمفليٽ، بڪ ليٽ، اسٽيڪرز ڏنا پيا وڃن ۽ روڊ سيفٽي بابت وڌيڪ آگاهي حاصل ٿي سگهي. ڊي آءِ جي موٽر وي پوليس چيو ته روڊن تي سفر کي آسان ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ موٽروي پوليس جا آفيسر 24 ڪلاڪ روڊن تي موجود آهن. ڊرائيور بہ موٽروي پوليس جو ساٿ ڏين ۽ گاڏيون احتياط سان هلائين ۽ قانون موجب گاڏيون هلائين ته جيئن مڪمل طور تي حادثن تي ضابطو آڻي سگهجي

بقايا سنڌيار 21

آفيس ۾ سي سي ٽرڊ سان گڏ روڪ رقم ڏني وئي هوڏانهن ايس ايڇ او مورو علي اڪبر کوکر جوچوڻ آهي ته ايس ايس پي جناب ايس ايس پي عبدالقيوم پتافي جي حڪم تي ڏوهارين جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي ڪنهن به ڏوهاري يا منشيات فروش کي بخش نہ ڪيو ويندو پوليس روزانو جي بنياد تي ڏوهارين خلاف ڪارروائيون ڪري رهي آهي ڏوهاري ڪيترا به بااثر چو نہ هجن پر ڪين هرگز بخش نہ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 22

قسط جو ٽائيم پورو ٿيو ته شوڪت جوکيو مون کي چيو ته پيسا هڪ هنڌ ڏيو مون ان کي چيو ته مان غريب آهيان مان هڪ جاءِ تي پيسا نٿو ڏي سگهان جنهن بعد شوڪت جوکيو چيو ته هنئير هن کي رنيون ڪرڻ پوندو جنهن بعد جيڪي پيسا مون ڏنا انهن کي ختم ڪري وري هڪ لک اسي هزار ڪري چڙهيو وري ان کي چار سال ٿي ويا اهيا رقم وڃي 5 لک تائين پهتي وري شوڪت جوکيو چيو ته اجا توڏي 5 لک رهيل آهن اهي جمع ڪرايو پوءِ مان هن کي منٿون ڪندو رهيس ته مان غريب آهيان مان دل جو مريض ۽ گردن جو مريض آهيان مون توهان کي پيسا ڏي ڇڏايا آهن مون صرف 90 هزار جو گاڏي ورتي هئي پوءِ هن مون کي ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون تونکي مان ڇڏائي ڇڏيندس مون جو واسطو وڏو آهي تون مون کي ڪجه به نٿو ڪري سگهين مان تنهنجي ضامن جي مٿان ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيندس پوءِ مون کي ڪوب راستو ڏسڻ ۾ نه آيو پوءِ مون خودڪشي جي ڪوشش ڪئي جنهن بعد الله تعاليٰ مون کي نئين زندگي ڏني آهي مان ڊي آءِ جي ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ڊي ايس پي ۽ قاضي احمد ايس ايڇ او کان مطالبو ٿو ڪريان ته هن وياجر خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي هنن ڪيترائي گهر تباهه ڪيا آهن مون کي موت مار ڌمڪيون ملي رهيون آهن مون کي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 23

شهر جو گشت ڪري ايس ايس پي ڪشمور آفس آڏو ڌرڻو هنيو ويو احتجاجي مارچ جي اڳواڻي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي شڪارپور ڊويزنل صدر محترم ظريت ساگر ٻجراڻي ضلعي ڪشمور صدر دلمراد ڏاهاڻي ضلعي سيڪريٽري چوٽو خان جکراڻي ضلعي اڳواڻ شاهنواز مرهتو، نورخان سبزوئي ،محمد نواز سبزوئي ، ڪشمور اڳواڻ هدايت الله جکراڻي ، تعلقا ڪنڌڪوٽ صدر غلام علي سبزوئي ، بداڻي اڳواڻ احمد علي چڇڻ ، مظهر چاچڙ ،فضل محمد سبزوئي، حاجي الطاف حسين بنگوار، عبدالرزاق ننڌواڻي، رحمدل لاشاري ،قربان علي ملڪ ، سياف اڳواڻ فتح محمد سبزوئي ، فصل عباس ڪوسو، اي ڊي بنگوار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جا سوين ڪارڪن شريڪ ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻي ۾ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو ڪشمور ضلعو ڏوهارين جو ڳڙهه بڻجي ويو آ ضلعي انتظاميہ مڪمل طور ناڪام ٿي ويو آ اغوا ڦرون چوريون روز جا معمول بڻجي ويا آهن ڏانهن ڏجي ته ڪنهن کي ڏجي ۽ اسان جي چونڊيل نمائندن جي خاموشي سمجه کان ٻاهر آ ٿاڻن تي ڏوهارين جا يار ايس ايڇ او رکيل جيڪو ڏوهه ڪرائي رهيا آهن ماڻهو اغوا ڪرائي رهيا آهن پيرا ميڊيڪل اسٽاف سول اسپتال جا موٽرسائيڪلون ڇاپي چور ڪاهي ويا آهن انهن وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ اغوا ڪاري جو ڪاروبار هلي رهيو آ هڪ مغوي بازياب پيو ٿئي ته وري اغوا ٿيو ٿئي جيڪي بازياب ٿين پيا هنن کي ڪيرا اغوا پيو ڪري اغوا گرفتار چو نہ پيا ٿين هاڻي شريف ماڻهو جو رات جو نڪرڻ هڪ عذاب بڻجي ويو آ شهري پريشان آهن معصوم ٻار اسڪول نہ ٿا وڃن خوف مان هر پاسي خوف واري صورتحال آهي اڳواڻن چيف جسٽس آف پاڪستان، آئي جي سنڌ ايس ايس پي ڪشمور کان مطالبو ڪيو ته ضلعي ڪشمور ۾ امن امان کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو . ڌرڻي ۾ ڊي ايس پي ڪنڌڪوٽ مختلف ٿاڻن جا ايس ايڇ او اچي اڳواڻ سان ڳالهائيون ڪري امن جي خاطري ڪرائي جنهن کانپوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 24

خلاف ليڊي پوليس اهلڪار سراپا احتجاج، تفصيل موجب ليڊي پوليس اهلڪار شهزادي ملاح ميڊيا اڳيان ڏانهيو آهي ته انسپيڪٽر بينظير جمالي ۽ پوليس اهلڪار عامر ملاح ڪوڙو ڊرامو رچائي هيلٿ ورڪر موڪليون ۽ اسان مٿان تشدد جو الزام لڳايو جڏهن ته منهنجي گهر ۾ ڪو معصوم ٻارڙو آهي ٿي نہ ته پوليو ٽيم جو کهڙو ڪم مان پنهنجي پٽ ۽ نياڻي سان رهندي آهيان جيڪي ٻئي نوجوان آهن پوليو ٽيم عزت خراب ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي پوليو ورڪر ثمينہ لاشاري، رشيدان ملاح، سرداران لنڊ ، نسيم لغاري، ۽ ٻين جو پوليس اهلڪار عامر سان واسطو اٿن جنهن ڪري اسان کي اسان خلاف ڪوڙو ڊرامو رچائي عزت خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ محڪمانہ ڪارروائي ڪرائي وئي بينظير جمالي ۽ اهلڪار عامر جي سرپرستي ۾ منٿليون مقرر ٿيل آهن. اڏا قائم ٿيل آهن مون کي غلط ۽ نازيبا ڪمن لاءِ مختلف طريقن سان تنگ ڪيو پيو وڃي. اهڙن ڪمن ۾ آءِ ۽ منهنجو اولاد ملوث ٿيڻ نٿا چاهيون نازيبا ڪمن کان جواب ڏيڻ تي انسپيڪٽر بينظير جمالي ويري بڻجي وئي آهي جيڪا مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ سميت تنگ ڪيو ٿو وڃي مون کان عزت جي نوڪري ورتي وڃي هر دفعي نئون ايس ايس پي مقرر ٿين بعد اسان لاءِ غلط ڊراما ناهي اذيتون ڏنيون پيون وڃن پوليس جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ٿي ڪريان ته ٿيل بي عزتي ۽ نا انصافي جو تدارڪ ڪيو وڃي، بينظير جمالي منهنجي پٽ کي قتل ڪرائڻ لاءِ ڪوششن ۾ آهي انصاف ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي طرف انسپيڪٽر بينظير جمالي جو چوڻ آهي مون مٿان لڳايل الزام بي بنياد آهن ليڊي پوليس اهلڪار شهزادي ملاح ذهني پريشاني ۾ مبتلا آهي ان ۾ منهنجو ڪو قصور ناهي بلاجواز الزام تراشي ڪئي پئي وڃي.

بقايا سنڌيار 25

سريوال ۽ زاهد احمد سريوال ڳوٺ مالڪ لغاري ۾ فواد احمد سريوال پاران ٻنهي يوسيز جي ڪامياب ٿيل اميدوارن کي ڏنل آجياڻي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اليڪشن کٽڻ بعد اسان پوري يوسي جي عوام جا نمائندا آهيون ۽ اسان جا دروازا هر ڪنهن ماڻهو لاءِ هروقت کليل رهندا انهي موقعي تي ميزبان طرفان سيني مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا جڏهن ته يوسي چيئرمين تيمور خان سريوال عامر سولنگي امجد لغاري غلام مرتظي سولنگي ارشاد لغاري معشوق لغاري ۽ ٻيا معززين پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 26

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪمرانن جي نااهلي سبب خاص ڪري سنڌ ۾ قبائلي جهيڙن جو رجحان وڌيو آهي چو ته هتان جون سياسي ڌريون نہ ٿيو چاهين ته ڪو سنڌ ۾ امن هجي هتي ماڻهن مارائڻ ۽ پنهنجي مخالفن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي سياست ڪئي وڃي ٿي ۽ ان بنياد تي ووٽ ورتي هتان رئيس پير مير ملڪ جو خزانو پيا لٽين جڏهن ته نوشهرو فيروز اندر چانڊيا عباسي هٿ وٺي تڪرار پيدا ڪيو ويو آهي سڀ کان پهريان ته افسوس جو اظهار ٿو ڪيان ته بيگناهه پوليس وارو چو شهيد ٿيو ۽ مان ته هيس به ڪوٺ نه منهنجو اهو ڌنڌو آهي ته ماڻهو مارائي سياسي شهريت ماڻيا ايف آءِ آر ۾ نالو نہ آهي پوءِ اڻ سڃاتلن ۾ منهنجو نالو وجهه ۽ پوليس پوتارن جي ونگار رهندي منهنجو نالو ڏنو آهي جيڪو سراسر غلط آهي منهنجو ڪورٽ سگهوري تي اعتماد آهي انصاف ڪندي ۽ ڪيس کي منهن ڏيندس مان شڪر گذار آهيان پنهنجي ذات وارن جو جن منهنجو ٻڌي سوين مائٽ ڪورٽ کان ٻاهر منهنجو استقبال ڪيو ۽ ميڊيا جي دوستن جي مهرباني جن انتظار ڪري مون کان موقف ورتو انشاءَ الله تعالي انصاف ٿيندو

بقايا سنڌيار 27

بخاري، ايم پي اي تنزيلا قمبراڻي ، سيد اشفاق حسين شاه بخاري ۽ ٻين درگاهه تي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو ، جنهن کان پوءِ درگاهه جي اڱڻ ۾ مهندي جي رسم عورتن گيچ ڳائي ادا ڪئي ۽ عورتن پنهنجي هٿن تي رسمي طريقي سان پاڻ مهنديون لڳايون ، جنهن ۾ گيچ ڳائڻ جي سلسلي کي جاري رکڻ سان گڏ مولود شريف جو سلسلو بہ جاري رکيو ويو، درگاهه جي اڱڻ ۾ شيدي برادري طرفان مغرمان تي اڄ ته ٿي وئي فتاح فتاح ، جيئي فتاح ، عبدالفتاح جون صدائون هڻي جهمريون پائي ناچ جاري رکيو، جيڪو رات دير تائين جاري رکيو ويو، درگاهه تي اڱڻ ۾ صوفي راڳي فقيرن الهنواز، فقير عبدالحق ۽ ٻين پنهنجي سريلي آواز سان صوفيانا ڪلام ڳائي صوفين جي سوز ساز کي سمجهڻ نه ڏکيو آ . هن عشق جي انداز کي سمجهڻ نه ڏکيو آ سميت ڪيترائي ڪلام ڳائي ميلي ۾ آيل زائرين کي جهومائي ڇڏيو، ميلي جي ڏهاڙي جي موقعي تي دعا واري رسم ادا ڪئي وئي جنهن ۾ حقوق العبادت جي تحت دعا واري رسم ۾ ملڪ ۽ سنڌ سميت پوري دنيا جي انسان ذات جي ڀلائي ترقي ، خوشحالي لاءِ دعا گهري ، دعا واري رسم ۾ پڻ وڏي تعداد ۾ مريدن ، عقيدتمندن شرڪت ڪئي ، انهي موقعي تي درگاهه جي ولي عهد سيد ذوهيب حسين شاه بخاري چيو ته صوفي بزرگ عبدالفتاح شاه بخاري پنهنجي فڪر ۾ انسانيت جي عظمت ، محبت پيار جو فلسفو ڏنو آهي جنهن جي ڪري سندس مريدن ۾ رنگ نسل ۽ مذهبي ڪٽڻ پٽي کان الڳ هندو مسلم پڻ وڏي تعداد ۾ مريد ۽ عقيدتمند شامل آهن ، ميلي جو رسمون بہ صوفيائي طريقي سان هر سال ادا ڪيون وينديون آهن . ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاه بخاري چيو ته سنڌ صدين کان صوفين درويشن جي امن واري ڌرتي آهي ،جنهن جي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ جنگي جنون بجاءِ محبت پيار جو فلسفو مقبول اهميت طور رهيو آهي ، سنڌ هميشہ تباهين ، بربادين کان نجات حاصل ڪئي آهي ، اڄ بہ سنڌ جي ماڻهن ۾ محبت وارو جذبو عظمت سان سمايل آهي . ايم پي اي تنزيلا قمبراڻي چيو ته سنڌ امن پسند ڌرتي ۽ صوفين جي سرزمين آهي ۽ هنن صوفين جي درگاهن تي اچڻ سان دل سڪون ملي ٿو . درويشن . صوفين . ولين . بزرگن امن محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ڏيئي انسانيت جي خدمت ڪئي ، ميلي جي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ جي مختلف علائقن مان مريدن ۽ عقيدتمندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي .

بقايا سنڌيار 28

گهر ويلو هيس ته امداد پٽ عثمان اسلم پٽ منظور سولنگي گهر ۾ گهڙي کهاڙين ۽ ڏنڊن جا وار ڪري ڏنا

بقايا سنڌيار 29

حرمتي ڪندڙ سوئيڊن، فرانس ۽ ٻين يورپي ملڪن خلاف نعرا، حڪومت پاڪستان کان سوئيڊن سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جي گهر، دڙو ۾ جماعت اهلسنت، تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان حافظ اعجاز سومرو، مولانا سليمان مينڊرو نقشبندي، حافظ ڏٽي ڏنو جاڪرو، اختر ڪچي، مولانا حيدر ترڪ، مولانا منظور لغاري، حافظ مشتاق مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جمعي نماز بعد پنجاري پل کان ٽيڪسي اسٽاپ تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ پ پ ضلعي سجاول جي اڳوٽي صدر ارباب وزير احمد ميمڻ، محمد خان ڪچي، غياث ميمڻ، صحافي امداد ميمڻ، امتياز آڪاش ميمڻ، سيد گل محمد شاه، وفا ميمڻ، ايس ٽي پي اڳواڻ منور ميمڻ سميت دڙو لاڏقپور کان آيل هزارين مسلمانن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، هر طرف لبيڪ يارسول جون صدائون بلند ڪري سوئيڊن، فرانس ۽ گستاخي ڪندڙ ٻين يورپي ملڪن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي حڪومت کان گستاخ سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 30

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي سي جامشورو اينٽي ڪرپشن جامشورو نوٽيس وٺي، تفصيل موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ زاهد حسين ايڊمنسٽريٽر ميونسپل بولهاڙي عمران گهمرو تي الزام مڙهيندي چيو آهي ته عمران گهمرو ڪيبل ڪمپني کان لکين رپيا رشوت وٺي روڊن جي نالن جي غيرقانوني کوٽائي شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي اجازت لاءِ روڊ ڊولپمينٽ خرچن جو چالان ميونسپل يا ضلعي کاتي جي بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي ته جيئن روڊن جي نالن جي مرمت ٿي سگهي پر عمران گهمرو قانون جي ڀڄڪڙي ڪري پنهنجي کيسي گرم ڪرڻ جي اجازت جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪا بہ قانوني حيثيت ناهي. اينٽي ڪرپشن ۾ ڪيبل ڪمپني ۽ ايڊمنسٽريٽر عمران گهمرو خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي وٽ درخواست داخل ڪئي وئي آهي، جنهن تي اڃا تائين ڪارروائي نہ ٿي عمران گهمرو ۽ ٻين جي ڪرپشن کي بي نقاب ڪيو ويندو ته جيئن عوامي

بقايا سنڌيار 31

نہ مستقبل بہ آهن. آئون خوشنصيب آهيان جو دوستن هميشہ منهنجي مڃتا ۽ پذيرائي جي جوهر کي جرڪايو آهي. ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي، ڪردار ئي اتساهه جو سبب بڻجندا آهن. اسانکي وقت جو قدر ڪرڻو پوندو، تڏهن ئي اسان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا جي ترقي جو مکيہ راز ڪتاب سان ئي سلهاڙيل رهيو آهي، اصل ۾ ڪتاب ئي آهن جن دلين تي ۽ دنيا تي حڪمراني ڪئي، اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ جن بہ قومن ۽ ڌرتين جي تباهيءَ لاءِ سانباهه ٿيا آهن انتي اڪثر طور سڀ کان پهرين ڪتابن کي ساڙي، درسگاهن کي اجاڙيو ويو، هن چيو ته سنڌو تهذيب، علم ۽ ادب دنيا جي عظيم شاهڪارن جو تسلسل رهيو آهي، موجوده وقت اسانجي ڌرتيءَ ۽ ٻولي لاءِ خطرا وڌي ويا آهن، جنهن لاءِ اسانجي سماج کي مڪمل ساڃاهه ۽ شعور سميت اسانجي عملي ڪردار جي ضرورت آهي، ان ضرورت ۾ اسانکي وري بہ ڪتابن ڏانهن، علم ڏانهن، ادب ڏانهن موٽڻو پوندو. سنڌ کي وقت لائبريرين جي ضرورت آهي ۽ انهن لائبريرين ۾ نوجوان نسل جي سخت گهرج آهي. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) حاجي عبدالوهاب نظاماڻي چيو ته درسگاهون سماجن جي شعوري جياپي جو بنياد آهن، لائبريريون سماج کي سلا ذهن ڏين ٿيون، اسان تعليم کاتي جي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته وڌ ۾ وڌ لائبريريون قائم ٿين. پ.ٽ.الف جي مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع محمد سليي خطاب ڪندي چيو ته اسانجا سمورا ادارا تباهه ٿي ويا آهن، خراب حڪمراني سماج جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن، اسڪولن جي حالت خطرناڪ بڻيل آهي، جنهن جو وڏو سبب ڪرپشن جي عروج واري صورتحال آهي، جنهنکي ايڪي، اتحاد، ٻڌي، علم ۽ شعور جي هٿيار جي هٿيار سان منهن ڏيڻ جي سخت گهرج آهي، هن چيو ته پ.ٽ الف ٽنڊو محمد خان ٽن مهينن اندر ٽنڊي محمد زان جي هر يونين ڪائونسل ۾ لائبريري قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي. لائبريرين جو قيام قديم ۽ مثبت روايت آهي. جنهنکي جديد انداز سان جيئارڻ جي سخت ضرورت آهي. سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا چيو ته اصل شيءَ ڪردار آهن، ماڻهو نہ هليو ٿو وڃي پر ڪردار هميشہ زنده هوندا آهن، هن لائبريري جي پويان بہ هڪ ڪردار جو پسمنظر آهي، جنهن جي مڃتا ، هڪ لائبريري جي قيام جي صورت ۾ هڪ شاندار تاريخي ڪم آهي. نامياري اديب مشڪور ڦلڪاري چيو ته فرد جو ڪردار ئي سماج کي متحرڪ ڪري ٿو، اڄوڪي تقريب ڀهراڙي جي هڪ مثالي اسڪول ۾ لائبريري جي قيام جي نسبت سان هڪ وڏي اتساهه جو سبب آهي، اهو روشني جو ڪرڻو آهي، جنهن کي ڪيترائي ڏيئا ٻارڻا آهن. اسڪولن ۾ سرڪاري سطح هڪ دفعووري لائبريرين جو چارقائم ڪرڻ گهرجي. سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي اڳواڻ نبي بخش سليي خطاب ڪندي چيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ لائبريري جو قيام هڪ وڏو ڪم آهي، جڏهن ته اڪثر هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ لائبريريون ناهن. لائبريري جو قيام نہ رڳو صدقہ جاريہ پر هڪ مثبت سماجي خدمت آهي. هر تعلقي ۾ پرائمري اسڪولن ۾ لائبريريون قائم ڪرڻ گهرجن. تقريب کي اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر چمن لعل جيواڻي، نثار احمد ناز، عارف قريشي، شاهنواز مهر، سنيل ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪيو آخر ۾ پروفيسر مٺل جسڪاڻي ۽ ڊاڪٽر چمن لعل جيواڻي کي مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا .

بقايا سنڌيار 32

پر بينڪ مينيجر رجب منگي، ايريا مينيجر عبدالجبار سومرو ۽ بينڪ عملو لون ڪٽڻ لاءِ مبينا غيرقانوني رشوت طلب ڪري رهيا آهن رشوت نہ ڏيڻ تي لون نہ ڪري ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏئي بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ۽ بائيو ميٽرڪ نہ ٿيڻ جو بار بار بهانو ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته تقريبن 3 مهينا ٿي ويا آهن لون ڪٽڻ جون بينڪ طرفان ڏنل تمام قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ باوجود لون نہ ٿو ڏنو وڃي. بينڪ انتظاميہ پنهنجي هٺ ڌرمي تان باز نہ اچي رهي آهي هن اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي گورنر، صوبائي وزير خزانہ ۽ ايڇ بي ايل مائيڪروفنانس جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو آهي ته بينڪ جي ڪرپٽ عملي جي پينشن هولڊر ضعيف العمر ۽ مجبور ماڻهن سان ناجائزين جو ازخود نوٽيس وٺي پينشن هولڊرن کي سهولتون مهيا ڪيو وڃن ۽ بينڪ جي ڪرپٽ ۽ راشي عملي کي فوري طور تي هٽايو وڃي ته جيئن هن اداري جي ساک کي نقصان نہ پهچي.

بقايا سنڌيار 33

ڪمبلن جي ورهاست ڪئي وئي ان دوران اداري جي نمائندن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2022 ۾ برسات سبب ٿيل تباهي سان گڏوگڏ مها ٻوڏ ۾ تعلقہ خيرپور ناٿن شاه مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي، هن وقت بہ ڪافي خاندان پنهنجن ٻچن سميت سردي ۾ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن. سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئيڪ الفلاح جي ٽيم ڳوٺ لولجا ۾ سردي سبب ڪافي خاندان پنهنجن ٻچن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺل خاندانن جي مدد لاءِ 400 گرم ڪمبلن جي ورهاست ڪئي وئي آهي . هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان جي ادارن پاران ڪافي هنڌن تي ويٺل خاندانن جي مدد ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي ، سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ الفلاح بئيڪ جي نمائندن جلد ٻئي مرحلي ۾ بہ اچڻ جي يقين ڏياني ڪرائي جنهن بعد ڳوٺ لولجا جي متاثرين اهڙي فلاحي عمل جي ساراهہ ڪندي سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئيڪ الفلاح جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 34

ان موقعي تي تحريڪ لبيڪ پاڪستان ضلع دادو جي عهديدارن مولوي غلام مصطفيٰ لاشاري راشد عمراڻي ۽ ٻين علامہ آئي آئي قاضي لائبريري کان پيادل ۽ موٽر سائيڪل سوار مظاهرين ريلي ڪڍي سوئيڊن حڪومت خلاف سخت نعره بازي ڪري دادو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو جڏهن ته مرڪزي مسلم ليگ ضلع دادو ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ڪائونسلر حاجي سهيل ڏاوچ، فهد سهيل ڏاوچ، ڪائونسلر قربان چانڊيو محمد امين چنا، پيارو سولنگي، نعيم ڏاوچ ۽ ٻين پاران ورڪشاپ محلي کان دادو پريس ڪلب تائين هٿن ۾ بئنر کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ان موقعي مظاهرين چيو ته حڪومت پاڪستان فوري طور تي سوئيڊن ملڪ سان سفارتي ناتا ختم ڪري بيحرمتي ڪندڙ کي گرفتار ڪري پاڪستان حوالي ڪيو وڃي مٿس پاڪستان ۾ ڪيس هلايو وڃي، نہ ته پوري ملڪ پاڪستان ۾ سخت احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 35

ڪمبلن جي ورهاست ڪئي وئي ان دوران اداري جي نمائندن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 2022 ۾ برسات سبب ٿيل تباهي سان گڏوگڏ مها ٻوڏ ۾ تعلقہ خيرپور ناٿن شاه مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي، هن وقت بہ ڪافي خاندان پنهنجن ٻچن سميت سردي ۾ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن. سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئيڪ الفلاح جي ٽيم ڳوٺ لولجا ۾ سردي سبب ڪافي خاندان پنهنجن ٻچن سميت کليل آسمان هيٺ ويٺل خاندانن جي مدد لاءِ 400 گرم ڪمبلن جي ورهاست ڪئي وئي آهي . هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته اسان جي ادارن پاران ڪافي هنڌن تي ويٺل خاندانن جي مدد ڪرڻ وارو سلسلو جاري آهي ، سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ الفلاح بئيڪ جي نمائندن جلد ٻئي مرحلي ۾ بہ اچڻ جي يقين ڏياني ڪرائي جنهن بعد ڳوٺ لولجا جي متاثرين اهڙي فلاحي عمل جي ساراهہ ڪندي سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بئيڪ الفلاح جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا سنڌيار 36

پر بينڪ مينيجر رجب منگي، ايريا مينيجر عبدالجبار سومرو ۽ بينڪ عملو لون ڪٽڻ لاءِ مبينا غيرقانوني رشوت طلب ڪري رهيا آهن رشوت نہ ڏيڻ تي لون نہ ڪري ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏئي بينڪ جا چڪر ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي ۽ بائيو ميٽرڪ نہ ٿيڻ جو بار بار بهانو ڪيو پيو وڃي، هن چيو ته تقريبن 3 مهينا ٿي ويا آهن لون ڪٽڻ جون بينڪ طرفان ڏنل تمام قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ باوجود لون نہ ٿو ڏنو وڃي. بينڪ انتظاميہ پنهنجي هٺ ڌرمي تان باز نہ اچي رهي آهي هن اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي گورنر، صوبائي وزير خزانہ ۽ ايڇ بي ايل مائيڪروفنانس جي اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪندي چيو آهي ته بينڪ جي ڪرپٽ عملي جي پينشن هولڊر ضعيف العمر ۽ مجبور ماڻهن سان ناجائزين جو ازخود نوٽيس وٺي پينشن هولڊرن کي سهولتون مهيا ڪيو وڃن ۽ بينڪ جي ڪرپٽ ۽ راشي عملي کي فوري طور تي هٽايو وڃي ته جيئن هن اداري جي ساک کي نقصان نہ پهچي.

بقايا سنڌيار 37

نہ مستقبل بہ آهن. آئون خوشنصيب آهيان جو دوستن هميشہ منهنجي مڃتا ۽ پذيرائي جي جوهر کي جرڪايو آهي. ڪردارن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي، ڪردار ئي اتساهه جو سبب بڻجندا آهن. اسانکي وقت جو قدر ڪرڻو پوندو، تڏهن ئي اسان گهڻو ڪجهہ ڪري سگهون ٿا. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته دنيا جي ترقي جو مکيہ راز ڪتاب سان ئي سلهاڙيل رهيو آهي، اصل ۾ ڪتاب ئي آهن جن دلين تي ۽ دنيا تي حڪمراني ڪئي، اهوئي سبب آهي جو تاريخ ۾ جن بہ قومن ۽ ڌرتين جي تباهيءَ لاءِ سانباهه ٿيا آهن انتي اڪثر طور سڀ کان پهرين ڪتابن کي ساڙي، درسگاهن کي اجاڙيو ويو، هن چيو ته سنڌو تهذيب، علم ۽ ادب دنيا جي عظيم شاهڪارن جو تسلسل رهيو آهي، موجوده وقت اسانجي ڌرتيءَ ۽ ٻولي لاءِ خطرا وڌي ويا آهن، جنهن لاءِ اسانجي سماج کي مڪمل ساڃاهه ۽ شعور سميت اسانجي عملي ڪردار جي ضرورت آهي، ان ضرورت ۾ اسانکي وري بہ ڪتابن ڏانهن، علم ڏانهن، ادب ڏانهن موٽڻو پوندو. سنڌ کي وقت لائبريرين جي ضرورت آهي ۽ انهن لائبريرين ۾ نوجوان نسل جي سخت گهرج آهي. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) حاجي عبدالوهاب نظاماڻي چيو ته درسگاهون سماجن جي شعوري جياپي جو بنياد آهن، لائبريريون سماج کي سلا ذهن ڏين ٿيون، اسان تعليم کاتي جي طرفان هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ته وڌ ۾ وڌ لائبريريون قائم ٿين. پ.ٽ.الف جي مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع محمد سليي خطاب ڪندي چيو ته اسانجا سمورا ادارا تباهه ٿي ويا آهن، خراب حڪمراني سماج جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن، اسڪولن جي حالت خطرناڪ بڻيل آهي، جنهن جو وڏو سبب ڪرپشن جي عروج واري صورتحال آهي، جنهنکي ايڪي، اتحاد، ٻڌي، علم ۽ شعور جي هٿيار جي هٿيار سان منهن ڏيڻ جي سخت گهرج آهي، هن چيو ته پ.ٽ الف ٽنڊو محمد خان ٽن مهينن اندر ٽنڊي محمد زان جي هر يونين ڪائونسل ۾ لائبريري قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندي. لائبريرين جو قيام قديم ۽ مثبت روايت آهي. جنهنکي جديد انداز سان جيئارڻ جي سخت ضرورت آهي. سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا چيو ته اصل شيءَ ڪردار آهن، ماڻهو نہ هليو ٿو وڃي پر ڪردار هميشہ زنده هوندا آهن، هن لائبريري جي پويان بہ هڪ ڪردار جو پسمنظر آهي، جنهن جي مڃتا ، هڪ لائبريري جي قيام جي صورت ۾ هڪ شاندار تاريخي ڪم آهي. نامياري اديب مشڪور ڦلڪاري چيو ته فرد جو ڪردار ئي سماج کي متحرڪ ڪري ٿو، اڄوڪي تقريب ڀهراڙي جي هڪ مثالي اسڪول ۾ لائبريري جي قيام جي نسبت سان هڪ وڏي اتساهه جو سبب آهي، اهو روشني جو ڪرڻو آهي، جنهن کي ڪيترائي ڏيئا ٻارڻا آهن. اسڪولن ۾ سرڪاري سطح هڪ دفعووري لائبريرين جو چارقائم ڪرڻ گهرجي. سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي اڳواڻ نبي بخش سليي خطاب ڪندي چيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪريم آباد ۾ لائبريري جو قيام هڪ وڏو ڪم آهي، جڏهن ته اڪثر هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ لائبريريون ناهن. لائبريري جو قيام نہ رڳو صدقہ جاريہ پر هڪ مثبت سماجي خدمت آهي. هر تعلقي ۾ پرائمري اسڪولن ۾ لائبريريون قائم ڪرڻ گهرجن. تقريب کي اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر چمن لعل جيواڻي، نثار احمد ناز، عارف قريشي، شاهنواز مهر، سنيل ڪمار ۽ ٻين خطاب ڪيو آخر ۾ پروفيسر مٺل جسڪاڻي ۽ ڊاڪٽر چمن لعل جيواڻي کي مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا .

بقايا سنڌيار 38

ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊي سي جامشورو اينٽي ڪرپشن جامشورو نوٽيس وٺي، تفصيل موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ زاهد حسين ايڊمنسٽريٽر ميونسپل بولهاڙي عمران گهمرو تي الزام مڙهيندي چيو آهي ته عمران گهمرو ڪيبل ڪمپني کان لکين رپيا رشوت وٺي روڊن جي نالن جي غيرقانوني کوٽائي شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي اجازت لاءِ روڊ ڊولپمينٽ خرچن جو چالان ميونسپل يا ضلعي کاتي جي بئنڪ ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي ته جيئن روڊن جي نالن جي مرمت ٿي سگهي پر عمران گهمرو قانون جي ڀڄڪڙي ڪري پنهنجي کيسي گرم ڪرڻ جي اجازت جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن جي ڪا بہ قانوني حيثيت ناهي. اينٽي ڪرپشن ۾ ڪيبل ڪمپني ۽ ايڊمنسٽريٽر عمران گهمرو خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڙي وٽ درخواست داخل ڪئي وئي آهي، جنهن تي اڃا تائين ڪارروائي نہ ٿي عمران گهمرو ۽ ٻين جي ڪرپشن کي بي نقاب ڪيو ويندو ته جيئن عوامي

بقايا سنڌيار 39

حرمتي ڪندڙ سوئيڊن، فرانس ۽ ٻين يورپي ملڪن خلاف نعرا، حڪومت پاڪستان کان سوئيڊن سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جي گهر، دڙو ۾ جماعت اهلسنت، تحريڪ لبيڪ پاڪستان طرفان حافظ اعجاز سومرو، مولانا سليمان مينڊرو نقشبندي، حافظ ڏٽي ڏنو جاڪرو، اختر ڪچي، مولانا حيدر ترڪ، مولانا منظور لغاري، حافظ مشتاق مگسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جمعي نماز بعد پنجاري پل کان ٽيڪسي اسٽاپ تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ پ پ ضلعي سجاول جي اڳوٽي صدر ارباب وزير احمد ميمڻ، محمد خان ڪچي، غياث ميمڻ، صحافي امداد ميمڻ، امتياز آڪاش ميمڻ، سيد گل محمد شاه، وفا ميمڻ، ايس ٽي پي اڳواڻ منور ميمڻ سميت دڙو لاڏقپور کان آيل هزارين مسلمانن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، هر طرف لبيڪ يارسول جون صدائون بلند ڪري سوئيڊن، فرانس ۽ گستاخي ڪندڙ ٻين يورپي ملڪن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي حڪومت کان گستاخ سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 40

گهر ويلو هيس ته امداد پٽ عثمان اسلم پٽ منظور سولنگي گهر ۾ گهڙي کهاڙين ۽ ڏنڊن جا وار ڪري ڏنا

ڊائريڪٽوريٽ جنرل
ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ

پتو: سيڪنڊ فلور، بلاڪ سي، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد

Phone 022-9201974　No. DG/AE/Tech(Engg)-03/26
Dated: 26.01.2023

ٽينڊر نوٽيس/ NIT

ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائيس ڊپارٽمينٽ، حڪومت کي اي ڊي پي اسڪيم 28 (23_2022) "زرعي اوزارن تي سبسڊي امداد جي فراهمي" لاءِ پاڪستاني رپين ۾ پبلڪ فنڊس مان فنڊ مختص ٿيو آهي. جيڪو ان فنڊ جي مختص جي عمل جي حصي طور ايگريڪلچر اوزارن جي خريداري جي ڪانٽريڪٽ هيٺ اهل ادائيگين تي لاڳو ڪرڻ جو خواهشمند آهي.

ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائيس ڊپارٽمينٽ،ساک رکندڙ اهل آڇ ڏيندڙن/جنرل آرڊر سپلائير/جيڪي انڪم ٽيڪس (ايس آر بي سيلز ٽيڪس جيڪو لاڳو هجي) سان رجسٽرڊ هجن ۽ سال 23_2022 جي لاءِ اي ٽي ايل لسٽ ۾ پنهنجو نالو ڏيکاري کان سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رول 46(2) جي مطابق "سنگل اسٽيج ٽو انويلپ طريقيڪار" هيٺ مهربند آچون گهرائي ٿو.

س#	آئٽمز	تعداد	ٽينڊر في
1	ايگريڪلچر اوزارن جي خريداري	مختلف	3000 رپيا

1. خواهشمند اهل آڇ ڏيندڙ خالي ٽينڊر دستاويز ڊائريڪٽر جنرل ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ جي آفيس سيڪنڊ فلور، بلاڪ سي، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد مان اشاعت جي تاريخ کان 20.02.2023 تائين حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ايس پي پي آر اي ويب سائيٽ تان ڊائونلوڊ پڻ ڪري سگهن ٿا.
2. خواهشمند آڇ ڏيندڙ آڇ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ هيٺ صحيح ڪندڙ ڏانهن لکت ۾ درخواست جمع ڪرائڻ ۽ مٿي ڏيکاريل ٽينڊر فيس (ناقابل واپسي) جي ڊائريڪٽر جنرل، ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ جي حق ۾ پي او/ڊي ڊي جي شڪل ۾ ادائيگي تي خريد ڪري سگهن ٿا. ٻولي ڏيندڙن لاءِ هدايتون ۽ جي سي سي ۾ فراهمي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ آرڊيننس ۽ ان جي قانونن ۽ ان جي تحت ڪيل ترميم جي فراهمي آهي.
3. آڇ 21.02.2023 تي صبح جو 10:00 وڳي تائين ڊائريڪٽر جنرل، ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ جي آفيس، بلاڪ سي، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد ۾ پهچڻ/جمع ٿيڻ گهرجن ۽ ساڳيا پروڪيورمينٽ ڪميٽي پاران ساڳئي ڏينهن 21.02.2023 تي صبح جو 10:45 ڊائريڪٽر جنرل، ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ، سيڪنڊ فلور، بلاڪ سي، شهباز بلڊنگ حيدرآباد جي ڪميٽي روم ۾ خواهشمند آڇ ڏيندڙن يا انهن جي نمائندن جيڪي موجود رهڻ چاهين جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.
4. ٽينڊر/آڇن سان ٽينڊر دستاويزن ۾ ڄاڻايل في آئٽم جي مطابق ٽوٽل ڪيل لاڳت جو 2.5 سيڪڙو جي بڊ سيڪيورٽي/سوٽي رقم جيڪا ڊائريڪٽر جنرل، ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ جي حق ۾ پي او/ڊي ڊي اي جي شڪل ۾ مهربند لفافن ۾ شامل هجڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ ٽينڊر شامل نہ ڪيا ويندا.
5. تعداد ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل اپڊيٽ ٿيل) جي شقن موجب گهٽ/وڌ ٿي سگهي ٿو.
6. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل اپڊيٽ ٿيل) جي شقن موجب سمورين آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
7. آڇ ڏيندڙ پنهنجا اگهہ سمورن ٽيڪسز ۽ ٻين چارجز جيڪي هجن سميت ڏين.
8. شرطيا ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
9. دير سان پهتل ٽينڊر/آچون قبول نہ ڪيون وينديون ۽ بنا کولڻ واپس ٽينڊيون.
10. آڇ ڏيندڙن کي گهرجي ته اهي پنهنجا بهترين ۽ آخري اگهہ ڏين چو ته ڳالهيون نہ ٿينديون.

ڊائريڪٽر جنرل
ايگريڪلچر انجنيئرنگ سنڌ
حيدرآباد

INF/KRY No: 292/23

SAY NO TO CORRUPTION　WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ